# مشرقي يورپ جي شاعري

مرتب

بشير موريائي



# مشرقي يورپ جي شاعري

(هڪ جائزو)

مرتب

بشير موريائي

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
يونيورسٽي آف سنڌ
ڄام شورو
1996ع

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي اشاعتي سلسلي جو ڪتاب نمبر 170
پهريون ايڊيشن 1996ع
تعداد 1000 ڪاپيون
ڪاپي رائيٽ © انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1996ع
سڀ حق ۽ واسطا محفوظ
سنڌ يونيورسٽي پريس، سنڌ يونيورسٽي،
ايلسا قاضي ڪئمپس، حيدرآباد ۾ ڇپيو.
ڊاڪٽر نذير احمد مغل، ڊائريڪٽر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي/
وائيس چانسيلر، يونيورسٽي آف سنڌ، ڄام شوري، سنڌ مان ڇپائي
پڌرو ڪيو.
ڪَور ڊزائين: سعيد منگي
مُلهه: =/75 رپيا

ISBN 969-405-061-8

# Mashraqi Europe Jee Shairi

(An Appreciation of the Poetry From Eastern Europe)

Compiled by
**Bashir Moriani**

Published by
**Dr. Nazir A. Mughal**
Director, Institute of Sindhology/
Vice Chancellor, University of Sindh
Jamshoro, Sindh, Pakistan

Printed by
**Sindh University Press**
University of Sindh
Elsa Kazi Campus, Hyderabad, Sindh, Pakistan
First Edition 1996
Copies 1000
Copyright © Institute Of Sindhology, 1996
All rights reserved
Price Rs. 75/=
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| ● | پبلشر پارن | ڊائريڪٽر اـس | (الف) |
| ● | مهاڳ | بشير مورياڻي (مرتب) | (ت) |
| 1. | چيڪوسلوويڪيا | | 1 |
| 2. | پولينڊ | زسيلا ملوز | 8 |
| 3. | يوگوسلاويہ | واسڪوپوپا | 21 |
| 4. | بلغاريہ | ليموبومير ليوشيف | 30 |
| 5. | رومانيہ | تيوڊر آرغيزي | 37 |
| 6. | هنگري | ساندور ووروش | 42 |
| 7. | فنلينڊ | پافو هاويڪو | 45 |
| 8. | ايسٽونيا | بيٽي الور | 49 |
| 9. | لٿئانيا | هينريڪاس ريڊاسڪاس | 54 |
| 10. | لٽويا | گنارس سالنس | 61 |
| 11. | ترڪي | ناظم حڪمت | 66 |
| 12. | البانيا | لاسگش-مگجيني-مارٽن جماج | 78 |

# پبلشر پاران

ويهين صديءَ جي ٻئي ڏهاڪي ڪان وٺي، آخري ڏهاڪي تائين مشرقي يورپ سوشلسٽ بلاڪ طور تي سڃاتو ويندو هو. انهيءَ عرصي دوران انهيءَ خطي ۾ وڏي اٿل پٿل آئي، جنهن عام زندگيءَ کي بيحد متاثر ڪيو. ان وقت جو سرجيل ادب ۽ شاعري انهن حالتن جو آئينہ دار آهي، جن سموري دنيا جي ادب ۽ شاعري تي دور رس اثر ڇڏيا آهن.

هن مجموعي ۾، مشرقي يورپ جي ٻارنهن ملڪن-چيڪوسلوويڪيا، پولينڊ، يوگوسلاويا، بلغاريا، رومانيا، هنگري، فنلينڊ، ايسٽونيا، لٿئانيا، لٽويا، ترڪي ۽ البانيا جي شاعريءَ جي مختلف ليکڪن جا لکيل مختصر تجزيا، گڏ ڪري پيش ڪيل آهن، جيڪي اُن وقت جي سرجيل شاعريءَ جي پس منظر ۽ اثرات کي واضح ڪن ٿا، جن مان اتان جي سياسي، سماجي ۽ تاريخي محرڪن کي سمجهڻ ۾ مدد ملي ٿي.

محترم بشير موريائيءَ جو نالو سنڌي زبان جي ڪهاڻيڪار ۽ شاعر جي طور تي وڏي حيثيت رکي ٿو. ان کان سواءِ هو عالمي ادب جو اڃايل ۽ ان تي وسيع نظر رکندڙ آهي، جنهن جو ثبوت هن مجموعي ۾ پيش ڪيل تجزين جي سنڌي ويس، ترتيب ۽ سندس لکيل مهاڳ مان ملي ٿو.

هن مجموعي ۾ سمورو متن، مرتب خود ڪمپيوٽر تي سنڌيءَ ۾ ڪمپوز ڪرائي ۽ بٽر ڪيرائي شايع ڪرڻ لاءِ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي حوالي ڪيو آهي، جنهن لاءِ ادارو محترم بشير موريائيءَ جو ٿورائتو آهي ۽ ان کي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪري منظرعام تي آڻي خوشي محسوس ٿو ڪري.

**ڊاڪٽر نذير احمد مغل**

ڊائريڪٽر

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

ڄام شورو

16 مارچ 1996ع

# مهاڳ

جنهن خطي کي مشرقي يورپ سڏجي ٿو، اُهو يورپ جي اترئين پاسي فنلينڊ کان وٺي هيٺ ڏکڻ اوڀر ۾ ترڪي تائين ڦهليل آهي. اُن ۾ جيڪي ملڪ اچي وڃن ٿا جهڙوڪ پولينڊ، هنگري، چيڪوسلوويڪيا، يوگوسلاويا، بلغاريه، رومانيه، البانيه ۽ ترڪي، اهي سڀ بالٽڪ ۽ ميڊيٽرينين يا يونوچ سمنڊ جي وچ ۾ اچي وڃن ٿا. انهن منجهان ڪيترائي ملڪ جابلو آهن ۽ سمنڊ کان پڻ پري آهن. پر تنهن هوندي به اُهي سڀ سهڻا آهن ۽ زرخيز پڻ. سندن سنبنڌ نتيجو آهي سندن دکدائڪ تاريخ جو. ڪڏهن مٿانئن روس حملو ڪندو رهيو آهي ته ڪڏهن وري جرمني.

انهن ملڪن کي جنهن ٻي ڳالهه ڳنڍيو ڇڏيو آهي اها آهي ٻولي. هڪ ملڪ ۾ ڪيترين ئي قومن ورسيل آهن جتي ساڳي ء چت هيٺ رهندڙ بالٽڪ، آرجڪ، رومنس ۽ آلٽيڪ ٻوليون ڳالهائين ٿا.

مشرقي يورپ ۾ فنلينڊ ۽ ترڪي کي شامل ڪرڻ تي اعتراض اٿاري سگهجي ٿو. پر ان جي جواب طور ايترو چئي سگهبو ته فنلينڊ رڳو اسڪنڊينيويا جو هڪ ملڪ ئي نه آهي، لساني طور اهو گلف آف فنلينڊ جي هن پر واري سوويت رياست ايسٽونيا سان لاڳاپيل آهي. ساڳي طرح ترڪي لاءِ به هوندي ته ڪٿي چئو ته ايشيا مائنر جو هڪ ملڪ آهي، يورپ جو نه. پر خود ترڪن جي اڪثريت ان خيال جي ناهي.

اهو پڇي سگهو ٿا ته، جيڪڏهن روس جي ٽن مغربي رياستن ايسٽونيا، لٿانيا ۽ لٽويا جي شاعري کي هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو اٿئون، ته پوءِ ڇا لاءِ خود روسي شاعري کي نظر

## مشرقي يورپ جي شاعري

ڪائي تخليق غير تاريخي بہ ٿي سگهي ٿي. انهن مڙني ئي لاءِ تاريخ هڪ تلخ حقيقت هوندي. اها ڳالهہ سندن شاعري تي بہ اثر انداز آهي. هر ڪنهن کي پنهنجي پنهنجي ڌرتيءَ سان پيار آهي، ۽ ثقافتي روايتن تي فخر پڻ. انهن جو اظهار هنن پنهنجي ڪويتائن ۾ ڪيو آهي.

مشرقي يورپ جي شاعري ۾ رڳو اهي مشترڪ موضوع ئي نہ آهن بلڪ ڪجهہ اختلاف پڻ ابري اچن ٿا. هڪ اختلاف تہ هر ڪنهن جي شاعرائي طبع جو آهي، تنهن کان سوا ۽ دنيا ۽ حالات کي هر ڪنهن پنهنجي نموني پرکيو آهي. سياست جي مداخلت بہ هر هڪ جي شاعري ۾ هڪجيتري ناهي. ازانسوا ۽ هڪ هڪ جي شاعري پنهنجي قومي پس منظر ۾ ڪيل آهي.

آخر ۾ ايترو چوندس تہ هڪ طرف مونکي پنهنجي ڪم مانگي جو شديد احساس آهي تہ ٻئي طرف اطمينان بہ آهي تہ سنڌيءَ ۾ هن موضوع تي پهرين ڪوشش منهنجي آهي. اميد تہ ٻيا قلمڪار دوست ان کي اڳتي وڌائيندا.

هن ڪتاب جي ترتيب ۽ ڇپائي جي دوران مشرقي يورپ جي ملڪن ۾ انقلاب آيو. برلن جي ديوار ڊٺي. روس جون بالٽڪ رياستون آزاد ملڪ بڻيون. دنيا جي ان خطي ۾ ڏاڍي اٿل پٿل آئي. ان حوالي سان مسودي کي بهتر صورت ڏيڻ کان قاصي آهيان جو ڪتاب جي اشاعت ۾ گهڻي دير ٿي وئي آهي. ممڪن آهي تہ ڪي ٻيا دوست ان موضوع تي طبع آزمائي ڪن.

بشير مورياڻي

١٩٨٥ع ١٩٩٠ع

١٩٩١

عام ماڻهن سندن پلي پت سان ڏنو. قومي آزادي جي تحريڪ ۾ فن ۽ ثقافت مکيه سياسي هٿيارن جو ڪم ڏنو. انهي ۾ جي ڪري ني اتي جي قوم جي سجاڳي جو روايتي اهڃاڻ، اتان جا ليکڪ ني ليکيا ويا آهن.

١٩٤٨ع کان پو ۽ اميد پريو دور شروع ٿيو. ڪم از ڪم سرڪاري شاعرن ائين ٻڌايو، جڏهن غير ڪميونسٽ ليکڪن کي چپ ڪرايو پئي ويو يا قيد ڪيو يا جلاوطن ڪيو پئي ويو ته هالاس جو ڪاوڙ پريل آواز گونججي رهيو هو.... جڻ ته هو (عذاب يا سزا ڏيندڙ) ڪنهن به ڳالهه کان ڊڄڻ ڪونه ٿا. سمجهن ٿا ته جڻ هنن لاءِ موت جو ڪو وجود ني ڪونهي...."

١٩٥٧ع ۾ سندس موت کان پوءِ ڇپيل نظمن مان هڪ نظم ۾ هن، هن طرح چيو آهي ؛

مان سکان ٿو
چنڊول جي آواز لاءِ
چنڊول جهڙي آزادي ۾ لاءِ
ان پولار لاءِ جيڪو چنڊول کي حاصل آهي
ان لاءِ مان رشڪ ٿو ڪريان.

ان شاعر جي اها پڪار جڻ ته سندس ملڪ جي الميه جو آواز آهي. پنهنجي ملڪ جي ان حالت تي هالاس کي جڻ ڪاوڙ تي اچي. هو ڀانئي ٿو ته هن جي وطن جي مٿان ڪا وڏي مصيبت مڙهي پئي وڃي. پر هو ڪجهه ڪري به نٿو سگهي. پاڻ کي بيوس ٿو ڀانئي. ان ايندڙ آفت کي، وڏي نااميدي جي لهجي ۾، هو هڪ نظم "ٻوڏ" ۾ بيان ڪري ٿو.

"ٻوڏ"

آلا داغ وڃن ٿا وڌندا ديوارن تي
بک جي بنايل سوراخن تي
بک جي بحر جي اهڃاڻن مان
ٻوڏ جي آمد آمد آهي.

آءُ انهن ديوارن تي
پنهنجو نقش ڇڏيان ٿو
مفلس ماڻهن جي ڇهرن تي
پنهنجو چنبو چاپيان ٿو
هي پڪا اهڃاڻ ٻوڏ جا!
بوتن پنهنجيون ٻانهون ڇوڙيون
ننگيون ٻانهون
سڙيل شاخون
نرگس رت جو دريا ڏسندي
هيڏي تي وڌي
اونده گويا شرم ٻڌي ننگي ڌرتي جو
ڏتڙيل ڏيهه جو
جنهنجا ماڻهو
ماتم ڪن ٿا
بندوقن جي سنگينن سان
هوا ۾ ڪچيل "اسڪرٽن" جو گهيرو آهي
اهوئي جڳ آ
جيڪو منهنجي دنيا آهي.

---

هالاس وزارت اطلاعات ۾ پبليڪيشن ڊپارٽمينٽ جو سربراه ٿيو. ان کانپوءِ اديبن جي سنڊيڪيٽ جو سربراه ۽ قومي اسيمبلي جو ميمبر ٿيو. پر هن جي سرڪاري عهدي ۽ حيثيت هن کي سرڪاري لنگهو نه بڻايو. بجاءِ ان جي جو هو سرڪاري لائين وٺي، ان وقت جي روسي قائد اسٽالن جي روسي پاليسين جي پيروائي ڪري، هو پنهنجي واٽ تي هلندو رهيو.
هالاس چيڪ دانشورن جي بغاوت جو مهندار بڻيو. هن کي ان تحريڪ جو شهيد به ڪوٺيو وڃي ٿو. ڇوڻ ۾ اچي ٿو ته هو ڏک کان مري ويو. هن جي مرڻ کانپوءِ، چيڪ ادب ۾

اثرانتي آواز واري "لاڊسلاف اسٽول" هالاس تي ڪڙي تنقيد ڪندي، ڪيس "قنوطي رومان پسند، روحانيت پسند، داخلي ادمن ڪي اتاريندڙ، ۽ ڪميونسٽ فيلسوفي ۾ يقين نه رکندڙ" سڏيو. هالاس سندن نظر ۾ هڪ اهڙو شخص هو جنهن پنهنجي اندر ۾ پاڻ کي يڪجا ڪرڻ جي بدران، ٽوڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو. هن جي شاعري رجعت پسندي جو پندار هئي ۽ نااميدي سان ڀرپور. گويا هالاس پنهنجن ۾ ئي پرائو ٿي پيو.

هالاس ۾ البت سادگي جي بدران دقت پسندي هئي. پر هن نثي جي اثر هيٺ رهڻ بدران سجاڳي ڏيکاري. وڏي ڳالهه ته هن پنهنجي وقت ۾ ملڪ کي درپيش الميه کي پيش ڪيو. ائين نه ڪيائين ته اڻ ڏٺل آئيندي جي خيالي چمڪ دمڪ کي اجاگر ڪري.

١٩٥٦ع ڌاري هالاس جي دوست شاعر Vitezslar Nezval هڪ طرف "اسٽول" جي هالاس مٿان تنقيد کي بي وقتو ڪوٺيو ته ٻئي طرف هالاس جي تخليق کي ان ٽهي ءَ جي شاعرن جي مخالف هجڻ جو الزام رکيائين. چيڪوسلوواڪيا ۾ ٻن مهاڀاري لڙاين جي وچ ۾ اهم avant-Grade گروپ وڏيو ويجهيو. ان گروپ جي شاعرن تي وري فرينچ Surrealists ۽ Dadaists جو گهرو اثر پيو. هي Nezval به ان گروپ جي ميمبرن مان هڪڙو هو. (هن ان اثر هيٺ خود تمام سٺي شاعري ڪئي آهي.)

اديبن جي ٻي ڪانگريس ۾ Nezval اعلان ڪيو،

"اسان جي نسل جا شاعر رجائي آهن. انهن کي روشني ۽ صفائي سترائي وڻندي آهي." هن اهو به چيو ته، "هالاس منديءَ ۾ اسان منجهان ئي هو. پوءِ هن الڳ انداز ۾ آواز ڳولي لڌو. اسان مطمئن ۽ گڏ هئاسين ته هو غير مطمئن ۽ الڳ هو، اسان ۾ رجائيت هئي ته هن ۾ قنوطيت، اسان جو ميلان فيلسوفي ڏانهن نه هو پر هو فيلسوف هو، اسان سياسي طور لينن، اسٽالن ڏانهن مائل هئاسين ته هو انهن جو مخالف ٿي پيو."

هالاس جي مٿان قنوطي جو جڻ ٺپو لڳي ويو. آتالين، سلاونسٽ ليکڪ Angelo Maria Ripellano هالاس بابت هڪ جائزو لکيو ۽ سندس شاعري جو ترجمو به ڪيائين پر چيائين ته سندس شاعري "ٻاڻ اونده ۾ ٻڏل آهي."

١٩٥٦ع جي، اديبن جي ٻي، ڪانگريس ۾ شاعر فرانٽيشڪ روبن خيال ظاهر ڪيو ته هالاس سان اها ناانصافي ڪئي وئي آهي جو هن جي شاعرانه لفظن ۽ ترڪيبن کي سندن اصل موضوع کان الڳ ڪري ڏٺو ويو آهي ۽ انهن جون غلط سلط معنائون ڪڍيون ويئون آهن ته جيئن هالاس "بيمار ذهنيت وارو قنوطي" ثابت ڪيو وڃي.

جي هالاس جي تخليقات کي، ان وقت جي رجحان مطابق، بيمار ۽ خودڪشي جي ڪناري تي بيٺل يورپ سان سڌي طرح ملائي ڏٺو ويندو ته هن جي خيالن کي سمجهڻ ۾ ڪا مدد ڪانه ملندي. هو نه Auden هو ۽ نه Isherwood ۽ نه ئي C. Day Lewis هن سندن نظمن سان پيٽي سگهڻ جهڙيون ڪي چيزون ڏنيون پر هن جو ڪم گهڻي قدر سندن جديد تصنع کان پاڪ آهي.

شاعري بابت پنهنجي هڪ مضمون ۾ هالاس لکيو آهي ته "شاعري اونده ۾، خيال جي ڪنارن تي اچي پر گهٽ ٿني ٿي. ان اونده ۾ ڪٿي قديم انساني زندگي جي ڪسي وهندي ٿي وڃي ۽ زندگاني جي ترنم کي تيز ڪندي ٿي رهي."

اونده جو ذڪر هن اڪثر ڪيو آهي. پر اونده هن لاءِ خالي پوائتي ڪانه آهي. اها ڌرتي جي اونده آهي جنهنجي اندر حياتي ۃ جو ٻج موجود آهي يا اسانجي اندر جي اونده آهي جنهن ۾ حياتي ۽ موت جا پراسرار راز سمايل آهن.

اونده جي ذڪر کان سوا ۽، هالاس جي شاعري ۾ موت جي به گهڻي اپٽار ڪيل آهي. ان ڪري ئي ترقي پسند نقاد هن کي بخشين ٿا. پر هن جي شاعري مان ڪشش ۽ قوت جا جيڪي

ڏوهارا نڪرڻ لڳن ٿا اهي رڳو داخلي حالات سان ئي نہ، بلڪ ملڪي ۽ قومي موضوع کي بہ اپارين ٿا. مثال طور هالاس ميونخ (جرمني) جي ١٩٢٨ع واري بحران ۾ ۽ ان کان پوءِ واري وقت ۾ جيڪي ڪردار ادا ڪيو اهو تعريف جوڳو چئبو. جڏهن چيڪ قوم کي بيعزت ڪيو پئي ويو، ان سان عهد شڪني ڪئي پئي ويئي، ان کي دٻايو ۽ هيسايو پئي ويو تہ هن بين سان گڏجي ان جي وڃايل عزت وري حاصل ڪرڻ وارو جبل جيڏو ڪم هٿ ۾ ڪنيو. هن پنهنجو انفرادي آواز هڪ پاسي رکي، اجتماعي آواز سان مزاحمت ڪئي ۽ پنهنجي وطن جي خاموش ڪرايل آواز جو حصو بڻيو. نتيجي طور هن جي قومي نظمن کي قدر جي نگاهہ سان ڏٺو ويو، انهن کي وري وري پڙهي بر زبان ياد ڪيو ويو.

فرانٽيشيڪ هالاس جي شاعري کي مجسمہ سازي سان پڻ پيٽي سگهجي ٿو. ان جون ساديون پر معنيٰ خيز سٽون رومن مجسمن جي يادگيري ٽيون ڏيارين. سندس شاعري مائيڪل اينجلو جي اڌ ۾ ڇڏيل Slaves وانگر عظيم آهي. جڻ تہ ڪا تصوير پٿرن جي پورن منجهان ٻاهر نڪرڻ جي جدوجهد ڪندي هجي. آخر ۾ سندس نمائنده نظم جو ترجمو پيش ڪجي ٿو:

پراگ جي ناليء*

بي اعتبار دنيا، ڇا اعتبار تنهنجو
ماضي جو زنگ ڪاڙل آهي پراگ منهنجو
ان جي ٻنين مٿان جي ڪرٽا نظر اچن ٿا
دانهون انهن ۾ شامل آهن اسان جي دل جون
پر باوجود ان جي، ديوار پٿرن جي
رهندي انين ئي قائم... بي اعتبار دنيا!

پنهنجي ندين ڪان پرتي ميدان سخت آهي
اڪثر ڪري انهي ۾، سنبن جا گهاو آهن
جڻ ڪوئي ڏاريو لشڪر لهرائي پنهنجا جهنڊا

* چيڪوسلوويڪيا جي گاديءَ جو هنڌ

بس ڏپ ڪجھ نہ ڪنھنجو ڪنھنڪان بہ ڪونہ ڏڄجو
نغما الاپجو سڀ، منٽن مڏر سرن ۾
ڪو وقت اسان جو ايندو.... ڪو وقت اسانجو ايندو.

# پولينڊ

عالمي ادب ۾ ٿورا ڪي اهڙا ليڪڪ هوندا جن ۾ 'ملوز' جهڙي فنڪارانه گهرائي ۽ دانشورانه دياتنداري موجود هوندي. ان جو مطلب اهو نه آهي ته ڪو هن جي شاعري ادبي ۽ نظرياتي اثر کان وانجهيل آهي يا ان ۾ تجربن جو فقدان آهي يا ان ۾ اٿپوريون انساني آرزوئون نه آهن، پر شروعات کان ئي هن جو شاعرائو نظريو ۽ اعتقاد جي پختگي هن جي پنهنجي هئي.

جهڙيءَ ريت 'بورس پيسٽرناڪ' جو نالو ادبي دنيا ۾ سندس شاعري جي ڪري نه بلڪ سندس نثري ڪتاب 'ڊاڪٽر زواگو' جي ڪري ڄاتل سڃاتل آهي تهڙي طرح ملوز به گهڻي قدر "The Captive mind" ۽ "La Prise du Pourojr" جـــي ڪـــري مشهور آهي. ٻنهي حالتن ۾ انهن ڪتابن جي ليکڪن کي انهن جي ڪري ئي شهرت ملي. ادب جي لحاظ کان اها ڳالهه اهم آهي پر منجهن جيڪو فنڪار موجود آهي ۽ جيڪا شاعرائي حس آهي، ان جي تخليقي قابليت کان، سندن اهي نثري ڪتاب متاثر ڪونه آهن. مثلن ملوز جي هيءَ نظم هن جي شاعرائي بلندي کي واضح طور پيش ڪري ٿي،

'پنهنجي وطن ۾'

منهنجي وطن ۾ پياري وطن ۾
جتي نه موٽي سگهندس آءٌ
ٻيلي اندر
پاڻي جو هڪ چشمو آهي
آءٌ اجا ٻي ڏسي سگهان ٿو
بادل جا پکڙيل ٽڪڙا.
آءُ جڏهن ماضي کي ڏسان ٿو

۽ اونداهه ۾
نندي پاڻي جي سس پس کي
جڏهن بڏان ٿو
ان جي پرسان اُڀري آيل
سائي ساٽي گاهه مٿان
ڳائن ٿا پکي
اُهي ٿو، ٿڏو، آلو سورج
آڪاش ۾ اُڏرن ٿا پنڇي
۽ سَڏُ ڪن ٿا.

هي پاڇولن جي ونڊ
سهيل آ، منهنجي وطن جي
جنت ۾
مان ڪنڌ جهڪائي
ان جي تري ۾
پنهنجي جيوت- جوت ڏسان ٿو
جوت- جا جهرمر جرڪي ٿي
پر ان سان گڏ گڏ خوف اٿم
ان موت جو
جيڪو جيون کي
ڪا آخري شڪل ڏني ويندو.

ملوز جو تعلق ان نسل سان آهي جيڪو پهرين مهاڀاري لڙائي رقت پيدا ٿيو ۽ ٻي مهاڀاري لڙائي وقت جيڪو بلوغت جي سرحد تي پهچي چڪو هو. هن پنهنجي اوسر جا سال گوڙ گهمسان واري زماني ۾ گذاريا. ان ۾ صوبائيت بہ پکڙيل هئي ۽ علمي جوش وخروش بہ هو. ولنو جو شهر، جتي ملوز وڏيو ويجهيو، اقتصادي طور يورپ جي ڪنڊ ۾ هڪ غير اهم شهر هو اسياسي ۽ ثقافتي لحاظ کان پولش، پر سماجي ۽ لساني طور لٿنانيا ۽ بائلو

اوڻاين رديف، قافيہ ۽ روايتي تصور پرستي تي حاوي ٿيڻ ۾ لڳي ويا. ڪي ٿورڙا علائقائي شاعر جهڙوڪ "ايم- زوخنو فسڪي"، "ايل- زينوالڊ"، "جي زغورسڪي" ۽ "زيسلا ملوز" ڪوشش ڪني تہ غير روايتي شاعري جي عناصر ۽ سماجي احتجاج جي عناصر کي نئين نسل جي حقيقت پسندي کي پنهنجي ذهني سجاڳي سان هم آهنگ ڪن ۽ ان مونجهاري کي سلجهائن جيڪو بہ جنگ عظيم کان پوءِ نہ رڳو سندن ملڪ يا وقت ۾ پيدا ٿيو هو بلڪ سڄيءَ دنيا ۾ هو.

"ملوز" انهن شاعرن ۾ تمام ننڍي ڄمار وارو هو پر هن ۾ تڏهن بہ، پختگي هئي. هو ذهين ترين هو. هن جي ڪلام جو پهريون مجموعو Poems of the congealed time ان جو شاهد آهي. ان جي اشاعت ڪيس پولينڊ جو چوٽيءَ جو شاعر بڻائي ڇڏيو. سندس ان مجموعي تي اچ نظر وجهڻ سان لڳي ٿو تہ ڇڻ اهو هڪ حقير ڪوشش هجي، ڇو تہ ايترن سالن ۾ ملوز ذهني بلوغت ۽ عالمي شهرت جي انهن منزلن تي پهچي چڪو آهي جيڪي ڪنهن بہ شاعر لاءِ فخر جو باعث هونديون آهن. نوبيل پرائيز بہ ملي چڪو اٿس.

سندس ان مجموعي ۾ همعصرن جي خيالن جو پڙاڏو بہ آهي، تجربي جي ڪوشش بہ آهي، فيلسوفياڻي خيالن جو اظهار بہ آهي تہ پرولتاري روايت جي باغيانہ شاعري بہ. ان ۾ رواني اصطلاح ۽ سٽون آهن جيئن تہ "-ڏينرون، جن کي بک وگهي گهٽين ۾ اڇلو پيو-"، "ننڍا پٽڙا جيڪي تهہ خانن ۾ مري ويا"، "وزيرن ۽ سرمائيدارن جا ڦوڪيل پيٽون"، "پيڪوزيل مئيون- هوا ۾ لهرايل-" "بي حس پريس" وغيره وغيره. پر ان سان گڏ ان ڪتاب ۾ واضح ۽ ڪليل لفظن واريون پر معنيٰ مصرعون بہ آهن. انهن مان ڪن ۾ اختصار بہ آهي تہ سادگي بہ. وڏي ڳالهہ تہ ان ۾ شاعر جي انفراديت آهي.

"اتر لڳو- اتر لڳو

۽ سج لهڻ سان پنهنجي مٽ کولي
۽ هيڊيون آگريون،
اندر کپايون
نرم ککرن ۾- اُهي ني وڃ ٽيون.

هر طرف پردا ڪريا
تارن ۾ ٽيليفون جي
سيٽيون وڳيون
بتين ٻٽايا دائرا
پاڇن سان پنهنجي. گرم گرم.'

اهڙين اڪثر ٻين نظمن ۾ روايتي نغمگي نہ آهي. آزاد نظمن ۽ نظم معريٰ جي پرمار آهي. رديف ، قافيہ جي پابندي نہ آهي. ڪٽي ڪٽي تہ مصرعون بہ اڌوريون آهن. سندس اسلوب غير شاعرانو بہ ٿيو وڃي جيڪو جنگ کان پوءِ ، روايتي جذباتيت جي مخالفت طور اختيار ڪيل آهي. انهن سڀني ڳالهين هوندي بہ هن جي ابتدائي مجموعي ۾ ني ڪي اهڙيون صلاحيتون بہ موجود آهن جيڪي اڳتي هلي، 'ملوز' جي شاعري جون خوبيون بڻيون. ان ۾، سماجي ۽ اخلاقي ڇڪتاڻ جي موجودگي ۾، شاعر جي ذميواري جو احساس آهي.

استعارو تہ خير آهي ني 'ملوز' جي شاعري جو اهم بنيادي عنصر. ڪٽي ڪٽي ليڪو لنگهيو وڃي پر گهڻي قدر معتدل ۽ مؤثر آهي. هن جي نظم "اسانجو ملڪ" ان جو مثال آهي.

'ڏکها ترتارا، اُفق مٿان اُيري، هوريان هوريان ڇپن تي اڇن تا.

ساڪت آسمان ۾ بيلا جوڙ ڪري بيٺل آهن
رستا آڪٽوپس جي ٻانهن وانگر وچڙيا پيا آهن.
هٽن ۾ جهليل ۽ جهوليندڙ توتارا مٿانهن سرن ۾ وڃن تا.

خاموش ، مرداڻا ، سخت
اسان جو ماتم پريو آدرياءُ ڪن تائين
اسان رستن جي ڊوڙ ۾ ڪري ٿا پنون ،
گاهه ٿا پٽيون جو اهو ڇپي ٿو
راڳ ٻيلن ۾ پڙاڏو ڪري ٿو
اهو ڪنهن ڏاتوءَ جي زهريلي انسبد وانگي جلي ٿو."

"ملوز" اچا ولنو يونيورسٽي ۾ شاگرد ئي هو ته سندس پهريون مجموعو ڇپيو. اهو مقامي شاگرد تنظيم Circle of Polish studies ڇاپرايو. پولش شاعري ۾ ملوز جي شموليت کي شروع کان ئي منفرد سمجهي مڃيو ويو هو. سندس ڏيهي ۽ پرڏيهي ليکڪن سان گهاٽو سنبنڌ هو. ١٩٢٤- ١٩٢٥ع ۾ هو پيرس ۾ رهيو جتي هن لٿائنين شاعر "اسڪر ملوز" جي فرينچ شاعري جو ترجمو ڪيو.

تعليم منجهان فارغ ٿي ، ملوز گهڻو وقت "ولنو" ۾ ڪونه رهيو. ڪجهه عرصي لاءِ هن مقامي ريڊيو اسٽيشن تي ڪم ڪيو ۽ پوءِ "وارسا" ڏانهن هليو ويو. "ولنو" کي ڇڏي "وارسا" وڃڻ جو سبب اهو ٿيو جو مقامي انتظاميه ملوز کي تنگ ڪرڻ لڳي. اهو سبب نه بلڪه اچي ها ته به هو "وارسا" وڃي ئي ها ڇو ته اهو ثقافت جو مرڪز هو. لڏڻ کان اڳ هن پنهنجو ٻيو جلد "ٽي سيارا" يا"TrZy Zimy" شايع ڪيو. هيءَ به گهڻو تڻو سندس پهرين ڪتاب جهڙو هو. هن ۾ البت هن وڌيڪ زور فنڪارانه صفائي سٿرائي ۽ تخيل تي ڏنو هو.

جيتريقدر شاعرائي روايت جو تعلق آهي ته "ملوز" رومانيت جي ويجهڙو آهي. ان جو اظهار هن پنهنجي ڪيترن ئي نظمن منجهان هڪ ۾ پڻ ڪيو آهي جنهنجو عنوان آهي "پکي" "Birds" ان ۾ هو چوي ٿو :

هي دنيا

نہ پنهنجي معافي سان
نہ پنهنجي يادگيري سان
نہ جبلن جي قطارن سان
نہ شهرن جي نظارن سان، نہ انهن جي شور سان
امن ڏني سگهي ٿي.

جدوجهد جي سمورن سالن ۾
هڪ صليب هوندو يا هڪ پٿر هوندو
۽ هڪ★ پکي ان تي ويهي ائين ڳائيندو
جيئن 'ٽراءِ' جي ويراني تي

پيار، ڪاڏو، پيتو، رستي جا مستقل ساٿي آهن
پر اکيون انهن ڏانهن ٿري ڪونہ ٿيون ڏسن
ڳوريون، ننڊا ڪريون اکيون
ظالم روشني پوڻ سان سڙن ٿيون
۽ وقت جسم منجهان لنگهي وڃڻ کان اڳ
چتاءُ ڏني ٿو

سٺا وفادار جانور ۽ ننڍي عمر وارا انسان
پنهنجي برفاني هٿن کي ٽوڙڻ جي اجائي ڪوشش ڪن ٿا
۽ زمين تان هڪ آواز اڀري ٿو،
ڇا اهو سڀ اجايو آهي؟ ڇا پچو؟
جنهنکي اسان سڏيون ٿا، پنهنجو وارث سمجهون ٿا؟

'ملوز' جي مجتا سندس ٻئي مجموعي "ٽي سيارا" جي ڪري رڌي. پراڻي نسل جي بااثر ناقد ۽ 'ملوز' جي مخالف "K. W Zawodzinski" پڻ هن کي پولش شاعري ۾ اهم جاءِ ڏني. پر 'ملوز' جي فنڪارانہ ۽ دانشورانہ اهميت اڃا اڳتي هلي اجاگر ٿيڻي

★يوناني ڏند ڪٿا وارو شهر جنهنجي "هيلن" مشهور آهي.

هئي. ان وچ ۾ ٻي مهاڀاري لڙائي جو دکدائک دؤر آيو. "ملوز" جي ڪن نظمن ۾ ٻـ ايندڙ نااميدي واري دؤر جون ڪجهہ جهلڪيون ملن ٿيون.

جنگ هلندي، "ملوز" پولينڊ ۾ رهيو. ان دؤر جي لحاظ کان اها قدرتي ڳالهہ آهي تہ هن جي شاعري يا تہ مسودي جي صورت ۾ رهنثي هئي يا زير زمين تحريڪ جي مدد سان غير قانوني طرح ڇپجڻي هئي. پنهنجي شاعري ڪانسوا ۾ هن فرينچ شاعر "Jacques Martini" جي نظم جا 'Atravers la desastre' جو ترجمو هئي فرانس جي شڪست کان پوءِ آمريڪا ۾ ڇاپرائي. هن پولش شاعري جو هڪ ٽڪرو "unconquered song" پڻ ڇاپرايو ۽ انگريز شاعرن جون نظمون ترجمو ڪيون جن مان سڀ کان اهم هئي "T. S. Eliot" جي "The Waste Land".

پر "ملوز" جي سڀ کان وڏيڪ اهم تخليق هڪ شعري مجموعو هو جيڪو لڙائي کان پوءِ ڇپيو جنهن جو نالو "Rescue" يا "ڇوٽڪارو" هو. اهو ڪتاب نہ رڳو ملوز جي شاعري جي اوسر ۾ اهم جاءِ والاري ٿو بلڪ سڄي پولش ادب ۾ ان جي اهميت ليکي رهي ٿي.

ان تي حيرت نہ ٿي ٿئي تہ جنگ کانپوءِ لکيل شاعري ۾ هن جو لهجو بدليل نظر اچي ٿو ۽ اظهار جو ذريعو بہ مختلف اٿس. اهو حال نہ رڳو ٻين پولش شاعرن جو پڻ آهي بلڪ جنگ کانپوءِ جيڪي حالتون يورپ جون هيون، تہ يورپ جي ٻين ٻولين جي ادب ۾ بہ ائين ٿيو.

شاعر تي، پنهنجي مرضي جي برخلاف، تاريخ جي دارا ۾ سندس دؤر جي تلخ حقيقت جو دٻاءُ پوندو آهي جيڪو ڪيس قومي لنگهو ٻڌائي ڇڏيندو آهي. هن کي لفاظي ڇڏي ڳنڍيل قومي جذبي جي اظهار تي لبيڪ چوڻي پوندي آهي. حالانڪ پنهنجن ٻين همعصر شاعرن، جيڪي جلاوطني اختيار ڪري چڪا هئا، "ملوز" پڻ پنهنجي پيشرو شاعر ساٿين جي رومانيت کان جند

جڏائي نہ سگھيو پر تڏهن بہ هو هڪ جديد شاعر آهي. هن جي شاعري ۾ مصراعون ميناج پريون آهن پر تڏهن بہ اُهي پنهنجي مفهوم کي سڌي طرح بيان ڪن ٿيون. لفظن جي وٿس ڪوٽ ڪانهي پر اُهي نہ بي چسا آهن ۽ نہ ئي جذباتي. شروعات ۾ "ملوز" بين يورپي شاعرن جي واٽ ورتي پر ان وقت بہ هو پڪو پولش- شاعر رهيو بلڪ پولينڊ جو صوباڻي شاعر. پر قومي شاعر بنجڻ سان ئي هن بين الاقوامي سرحدن کي بہ ڇهي ورتو. جنگ کان پوءِ يورپ جو اهو حال وجي ٿيو جو شهرن جا شهر سڙي رک ٿي ويا. ماڻهن کي اجتماعي قبرن ۾ دفن ڪيو ويو، ڪيترن ئي پنهنجي پيارن ۽ پنهنجي جانين جي قرباني ڏني. هين ڪيترن جا خواب حقيقت جي ڏک سان ڇيهون ڇيهون ٿي ويا. ان وقت يورپي شاعري جا اهي عام موضوع هئا. جن بہ انهن تي لکيو تن جي تحريرن جو آڌرياءُ ٿيو. ان سلسلي ۾ ملوز جي هڪ نظم جو ترجمو پيش آهي:

**"وارسا ۾"**

ڇا تو ڪرين او شاعر
گرجا جي کنڊرن ۾
ههڙي بهار ۾ تون؟

سوچين تو تون اتي ڇا
جت واءُ ٿي کنڊيري
ڳاڙهي مٽيءَ جون ڍيريون
تو خود قسم کنيو هو
تيندين ڪڏهن نہ ڀي تون
ماتم ڪندڙ هڪ انسان

۽ تون قسم کنيو هو
ڇهنديں نہ ڪنهن بہ صورت

ماٺهن جا زخم ڪليل

دل آهي چٽڪ پٽر
جنهن ۾ آ بند اندر
جيئن جيت ۾ لڪل آ
ناخوش زمين سان الفت

منهنجي نہ اهڙي الفت
منهنجو نہ هي ارادو
منهنجو نہ رحم اهڙو
منهنجو نہ هي ارادو
منهنجو قلم آ هلڪو
بلبل جي ٻي پرن کان
هي بار ناهي منهنجي
ٻن ناتوان ڪلهن لئہ
هن ملڪ ۾ رهان ڪئن؟
جت مستقل ڇُهي ٿو
هر هنڌ پير منهنجو
پيارن مري وين جي
پڪڙيل سَوَن هڏن کي.

آواز مان ٻڌان ٿو
۽ ٽهڪڙا ڏسان ٿو
مشڪل لڪي سگهان ٿو
ڪي هٿ وڌن ٿا مون ڏي
مون کان قلم کسين ٿا
۽ حڪم ٿا هلائن
لکان سندن ڪهاڻي

انهن جي زندگي جي
۽ موت جي ڪهاڻي.

ان لاءِ آءُ چايس
ماتم ڪندؤ تيان مان؟
ڳائڻ تو آءُ چاهيان
نغمات زندگي جا
دعوت جا ۽ خوشي جا

شاعر ڪي ڏيو خدارا
هڪڙي گهڙي خوشي جي
ورنہ تباھ ٿيندي
رونق نئي زندگي جي
ڪيڏي نہ آ چريائي
زندھ رهڻ رفيقو
مرڪڻ بنا- سدائين

دهرايو هي ہ نقطا
سيني مرين وين لئہ
جن کي هو ملڻو حصو
انسان جي خوشي جو
دهرايو هي ہ نقطا
'انصاف ۽ سچائي'

جنگ کانپوءِ واري 'پولينڊ' ۾ جڏهن فن سياست جي تابع ٿي پيو، 'ملوز' جو سرڪاري نيتي سان ٽڪراءُ سياويڪ ٿيڻو هو. هن جي شعري مجموعي "Rescue" جي اشاعت هن کي هڪ اهم شاعر جي حيثيت ۾ مچرايو پر 'نئين حقيقت' کي جو ايڏي شوق سان نہ مڃيو جنهنجي توقع هئي تنهنڪري هن تي

تنقيد بہ ٿيڻ لڳي. ان نئين پيدا ٿيل حقيقت ۾ هو گهڻو وقت ترسيو بہ ڪونہ. ١٩٤٥ع جي آخر ڌاري هو آمريڪا هليو ويو جتي پولينڊ جي سفارتخاني ۾ ڪيس مقرر ڪيو ويو. اتي رهي هن جي خيالن تي مغربي شاعري جو اثر ٿيو. ان وقت واري هن جي شاعري سندس جنگ جي زماني واري شاعري کان مختلف آهي. هن جي شاعري ۾ اهو نئون موڙ آيو. ان وقت هن جي شاعري ۾ رديف، قافيہ ۽ نغمگي تي گهڻ زور ڏنل آهي. هڪ طرف هن مغربي دانشورن ۽ اُتان جي فن جي نون لاڙن جو اثر قبول ڪيو ٻئي طرف پولينڊ ۾ ثقافتي زندگي تي حڪومت جي ڇاپ ڏينهون ڏينهن گهري ٿيندي وئي تہ ان خلاف بہ هن ۾ رد عمل پيدا ٿيو. ان جو اهو نتيجو نڪتو تہ هن جي شاعري فيلسوفانہ خيالن، نااميدي سان ڀريل نغمگي ۽ تلخ طنز جي وچ ۾ لوڏا کائيندي رهي.

پولينڊ ۾ ڪجهہ وقت تائين تہ هن جي شاعري جي اشاعت ٿيندي رهي پر جيئن پوءِ تيئن 'سماجي حقيقت پسندي' جي اصول تي سختي سان عمل ٿيڻ لڳو ۽ "ملوز" جي نئين نظام طرف منفي رويہ کي برداشت ڪرڻ مشڪل ٿي پيو، تنهنڪري سندس خيالن بابت ڪيترائي سوال پڇيا ويا، خاص طرح جڏهن هن "Moral Treatise" شايع ڪرايو. هن جي رويي کي مغربي نقادن، "ڊاڪٽر زواگو" جي شاعر جي رويي سان مشابهت ڏني آهي جيڪو آواز بلند ٿو ڪري انسان جي ان حق لاءِ جيڪو زندگي پنهنجي نموني گذارڻ لاءِ ڪيس ملڻ گهرجي.

١٩٥٢ع جي فيبروري مهيني ۾، جڏهن "ملوز" پئرس ۾ هو تہ پولش حڪومت سان ناتا ٽوڙڻ جو فيصلو ڪيائين. اهو هڪ اهڙي شخص لاءِ، جيڪو رڳو پولش ٻوليءَ ۾ لکندڙ هجي، پنهنجي مخاطبن سان قطع تعلق ڪرڻ، اهڙو سولو ڪونہ هو، پر "ملوز" ان کانپوءِ بہ پولش شاعر ئي رهيو ۽ ساڳئي وقت ٻوليءَ جون حدون ٽپي مغرب ۾ بہ پاڻ کي مڃرايائين. جيڪا هن جي وڏي

سوپ چنجي.

ڏيساور ۾ "ملوز" جو پهريون شعري مجموعو پئرس ۾ ۱۹۵۵ع ۾ "Daylight" جي نالي سان ڇپيو. ان کانپوءِ ۱۹۵۷ع ۾ ٻيو مجموعو "Poetic Treatise" جي عنوان سان شايع ٿيو. انهن ٻنهي مجموعن ۾ هن جي ان نظرياتي ۽ فني بحران جي گهري عڪاسي ٿي ٿئي، جنهن منجهان هو ان دؤر ۾ لنگهي رهيو هو. اهو طئي ڪرڻ مشڪل آهي ته شاعر جي ارتقا جي لاءِ هن جي جنگ کان پهرين دؤر واري شاعري اهم هئي يا پوئين جي. انفرادي طور هن لاءِ پنهنجي فن ۽ پاڻ کي پولش شاعر جي حيثيت ۾ زنده رکڻ ڏکيو ٿي پيو.

انهي دؤر ۾ "ملوز" جي شاعري ۾ سادگي ۽ اظهار جي پاڪيزگي تي گهڻو زور ڏنل آهي. شاعر پاڻ جو مغربي ادب سان لهه و چڙ ۾ آيو ۽ هن جي ذهن ۾ جيڪا اخلاقي ۽ سياسي ڇڪتاڻ پيدا ٿي، تنهن سندس شاعري ۾ گهري دانش کي جاءِ ڏني. هن جي وڌندڙ شاعرائي تاريخي شعور پڻ سندس شاعري کي نئين موڙ تي آندو.

مختصر طور چئي سگهبو ته "ملوز" جي هاڻوڪي تازي شاعري جيتوڻيڪ مايوسي سان ڀريل ۽ ڪي قدر رجعت پسندي ڏانهن مائل آهي پر بنيادي طرح اها احتجاج جي شاعري آهي ۽ سچائي سان ڀريل آهي. اها فيلسوفي جي تجربن مان لنگهي، موجوده دؤر جي ماڻهوءَ جي مسئلن کان آگاهي جي شاعري آهي. هن جي شاعري جو ايترو ته قدر ڪيو ويو آهي جو کيس ۱۹۸۰ع جو ادب لاءِ نوبيل انعام پڻ ڏنو ويو.

واسڪو پوپا

# يوگوسلاويہ

۱۹۵۲ع ۾ جڏهن 'پوپا' جو پهريون شعري مجموعو پڌرو ٿيو تہ، پڙهندڙن ۽ انهن جي نقادن جن يوگوسلاو شاعري ۾ جدت پسند نہ پئي ڪئي، ان کي رد ڪري ڇڏيو. هن جي شاعري روايت کان بغاوت جو بيو نالو آهي. پنهنجي ملڪ جي شاعري کي هن جدت ۽ جديديت سان متعارف ڪرڻ ۾ وڏو حصو ورتو. هن جي پنهنجي شهرت ۽ مقبوليت بہ وڌندي رهي. اڄ هن کي يوگوسلاويہ جي بهترين شاعر جي حيثيت سان مڃيو وڃي ٿو.

'پوپا' گهڻي شاعري نہ لکي آهي. هن جو پهريون مجموعو "KORA" يا "The Crust" جي نالي سان ۱۹۵۲ع ۾ ڇپيو. ان کان پوءِ بيو ڪتاب ۱۹۵٦ع ۾ "Nepocin Polje" يعني "The field norest" جي عنوان سان ڇپيو. ان کان نون سالن کانپوءِ هن جي شاعري جي چونڊ Pesme جي عنوان سان شايع ٿي. هن جي وطني حب سان ڀريل شاعري وري uspravna Zemlja يا "The Upright Country" جي نالي سان شايع ٿي. هن جو آخري مجموعو جنهن جي سڌ اسان کي پنجي سگهي آهي"Sporedno Nebo" يا "The Secondry sky" جي نالي سان ڇپيل آهي. مطلب تہ هن جي شاعري مختصر آهي. جيتريقدر اسان کي معلوم آهي تہ هن مشڪل سان ڪي ۲۰۰ ڪن نظمون لکيون آهن، سي بہ ۱۵، ۲۰ سالن جي ڊگهي عرصي ۾.

'پوپا' جي شاعري ڪن خاصيتن سان ڀريل آهي، هو شين يا موضوعن کي عام انداز ۾ بيان نہ ٿو ڪري، بلڪ وضاحت سان پيش ڪري ٿو. هو ابهام جي بدران نُوس حقيقت کي بيان ڪري ٿو. جنگ جي ۽ پنهنجي جواني جي عرصي ۾ بگڙيل توازن کي جهٽڪ ان جي اصلي جاءِ تي آڻڻ لاءِ هو هر شي

ڪي ان جي اصلي نالي سان سڏي ٿو ۽ ان ڪي ان جي اصلي جاءِ تي رکي ٿو. اشارن ڪناين کان هو ڪنارو ڪري ٿو. هن جي اوائلي نظمن مان ڪن جا عنوان هي آهن:

'ڪرسي'، 'وايولن'، 'پليٽ'، 'ڪاغذ'، 'پٿر' وغيره.

اتان بهرحال هو ڪجھ اڳيرو وڌي، شين جي اندر ۾ اونهو وڃي ٿو ايتريقدر جو ائين ٿو لڳي ڄڻ ته هو انهن کي تيسين گھوري گھوري ڏسندو ٿو رهي جيسين اهي بيجان شيون ساهه کڻڻ ۽ چرڻ پرڻ لڳن ٿيون. هن جي بهترين نظمن مان هڪ آهي 'پٿر' ان ۾ هو پٿر جي بيپناهه سونهن بابت ٻڌائي ٿو ته ڪيئن نه اهو بت بڻيو ۽ پنهنجي ماحول کان بي پرواهه بيٺو آهي. ('نه مٿو اٿس، نه لڱ اٿس') پر سٽت ئي اچو، لسو طوفان لڳڻ شروع ٿئي ٿو ۽ هر شئي کي پنهنجي اندرئين پيار پرني پاڪر ۾ پري ٿو، تان جو پٿر جا لڪل احساس نڪري نروار ٿي تجلا ڏين ٿا. جيتوڻيڪ اهو ساهوارو ناهي پر تنهن هوندي به اهو ساهه کڻڻ لڳي ٿو، چرڻ پرڻ لڳي ٿو، مشڪڻ لڳي ٿو ۽ پيار ظاهر ڪرڻ لڳي ٿو. شين سان 'پوپا' جو ايترو چاهه ۽ اُنس آهي جو هو انهن کي بيجان نه بلڪ ساهواريون سمجهي ٿو جن کي رڳو ڇهڻ حواس يا شاعر جي اندر واري اک پروڙي سگهي ٿي. ازانسواءِ هو انهن کي پنهنجي نظرين ۾ لاڙن جي Symbols طور ڪم آڻي ٿو.

'پوپا' جي ڪيترن نظمن ۾ ڏيکاريو اٿس ته ڪيئن نه هن جي بيجان دنيا اسان جي چوڌاري موجود زندگي جي رونق کان وڌيڪ جاندار ۽ شاندار زندگي سان پرپور آهي. مثلن سگريٽ جو ذڪر ڪندي هو چوي ٿو ته اهو 'هڪ ننڍڙو سج آهي جنهن جي مٿي تي تماڪ جا وار آهن.' ان ساڳي نظم ۾، جنهن جو عنوان آهي 'انش ٽري ۾' هو چوي ٿو ته جڏهن سگريٽ وسامي وڃي ٿو ته 'سستي لپ اسٽڪ جي رت سگريٽ جي ٽوٽن جي مٿل ٻُنڊن کي رسي ٿي.' ٻي هڪ نظم ۾ وري چوي ٿو ته 'ڪالر، سوري چڙهيل خال جي گردن کي چڪ پائين ٿا.' ۽

جيستائين اها ڪيس 'مٺو اشارو' ٿي ڪري ته هيو ماڻهو دروازي ۾ چاٻيءَ جي سوراخ ڪي چمي ٿو ۽ نيون انهن ٻنهي ڪي ڏسي ڏسي پنهنجو مٿو لوڏي ٿو تانجو اهو ڪري پويس ٿو. هي نظم ۾ ماڻهو هڪ ٻئي جي ٻانهن ۾ ٽنگن ڪي چڪ پائين ٿا ۽ اُهي ڪتن وانگر پوري چڏين ٿا جڏهن ته ٻيا ماڻهو پوريل عضون لاءِ نوس نوس ڪندا ٿا وتن. جيڪو جيڪا شئي لهي ٿو سا ڪائي ٿو، اهڙن پوانتن ۽ ڪريل اشارن سان 'پوپا' انسان جي حالت بيان ڪري ٿو جيڪا پنهنجي انتهائي بيهودگي سان ۽ شدت سان آڏو اچي ٿي.

هڏن واري نظم ان ڪان به وڌيڪ سخت آهي. جڏهن هڏن تان ماس لهي ٿو وڃي ته هڏا پنهنجي پنهنجي اڳوٽي جسم جي احساسات جو اظهار ڪرين ٿا. قبر ڪان پوءِ واري زندگي ڪي 'پوپا' ان جهڙي ئي پراسرار ٻولي ۾ بيان ڪري ٿو. هڪ هڏو ٻئي ڪي چوي ٿو:

'اسان ئي ان ڪي ٺهرايو ۽ اسان ئي ماس ڪان نجات حاصل ڪئي.' ان نجات ڪانپوءِ هڪ ٻئي ڪي چون ٿا:

'اسان هڪ ٻئي سان پيار ڪنداسين.' يا اهو ته، 'الف ننگو ٿي اُس سيڪڻ ۾ ڪيڏو نه مزو ٿو اچي.' ۽ 'هاڻي جيئن اسانجو من گهرندو تيئن وڏنداسين.' جلد ئي مٿانئن گوشت مِڙڻ شروع ٿئي ٿو.

'جڻ ته هر شئي نئين ريت شروع ٿي رهي آهي. ان جي شروعات ڪيتريقدر نه ڊيڄاريندڙ آهي.' هاڻي ڪين جاءِ پناهه به ڪانه ٿي نظر اچي،

'هاڻي اسان اتي ڇا ڪنداسين؟ اتي ته اسانجو شوق سان انتظار ٿيندو هوندو.'

آخرڪار اُهي هڪ ٻئي ڪي ڇڙڪائڻ لڳن ٿا.

'تو مونکي ڇو ڇڙڪايو؟- آءُ پنهنجو پاڻ ڪي نظر ٿو اچان، هر شئي مٽيءَ جو بڇڙو خواب آهي.'

'پوپا' ڪي انساني زندگي جي معنيٰ بابت جيڪي شروعاتي شڪ شبها هئا، تن کي دٻائڻ لاءِ هن جنگ جي سختين کي استعمال ڪيو تہ جيئن بي رحم تقدير ۽ ظالم موت جي خلاف احتجاج ڪري.

'آءُ ڪيڏان ڪوڙ تو
آءُ ڏسان تو
مونکي سيني ڪُنجڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي تو
چاڙي رجندي ٻڌجڻ ۾ اچي تي.
آءُ چاڙيءَ جي اونداهہ کي محسوس ڪريان تو
جيڪا منهنجيون اکيون کولي تي.

يا پنهنجي نظم "گفتگو" ۾ چوي تو،

او منهنجي رت او منهنجي رت
تون مونکي زخمي زخمي ڪرين تي
آءُ توکي ڪيڏانهن وڃڻ ڏيان
منهنجي اندر ۾ هيٺ ني هيٺ
لهندي ويندينءَ، وهندي ويندينءَ
ٻيون هٿندي
ان دائري کي تباهہ ڪندينءَ
جيڪو اسان جي حفاظت ڪري تو
هڪ لامحدود دائرو
جيڪو اڃا اسان مڪمل بہ نہ ڪيو آهي
مون سان انسانيت سوز سلوڪ نہ ڪر
مونکي ڏڪ نہ هڻ- نہ مار.

هن جي اهڙي شاعرائي ماحول ۾ پيار جي تجربي جي بہ ڪايا پلٽ تني تي. پنهنجي نظم "اونهو اندر اسان جي." ۾ هو هن قسم جو عجيب تخيل پيش ڪري تو،

ابديت جو زهريلو مينهن
حرص ۾ پرجي اسانکي چڪ پائي تو

توکي ان گوليءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو
جيڪا اسان جي مٿن جي مٿان گوليون کائي ٿي؟
اسان جي چُپي لاءِ منتظر آهي.....
ڏسڻ ۾ نہ ايندڙ چُلهہ تي
تنهنجي چپن جي آڏو
منهنجا ننگا لفظ يخ بستہ آهن
اسان بي رحم ڪاراين جي شڪنجي مان
لحن کي ڇڪي الڳ ڪرڻ ۾ لڳا پيا آهيون.

واسڪو پوپا اهڙو شاعر آهي جيڪو خطري جي گهڙيءَ ۾ بہ نرم خوئي ترڪ نہ ٿو ڪري، چوي ٿو:

"تنهنجي اکين جي ماڪين منجهان نڪري،
ڪونجون ڏکڻ ڏانهن هجرت نہ ڪنديون."

يا، "تنهنجا قدم منهنجي جسم ۾ سنگيت کي ڇيڙين ٿا."

يا، تون منهنجي اک مان ڪرندڙ گهوڙهي جي درياءَ ۾ موجود آهين."

يا، "منهنجي خاڪي اُداسي ۾
تون سوجهرو ڪرين ٿي."

يا، "مان هڪ مندر کان ٿيندو
ٻئي مندر ڏانهن وڃان ٿو
تون ڪٿي آهين؟"

يا، "رڳو خواب ۾ ئي اسان هڪ ٻئي سان گڏ گهمون ٿا."

"پوپا" لاءِ پيار اها قوت آهي جنهن سان موت ۽ تقدير کي تسخير ڪري سگهجي ٿو.

مٿين مثالن مان اوهان ڏٺو هوندو تہ "پوپا" جي شاعري غير روايتي آهي. ايتريقدر جو هن جي حب الوطني واري شاعري بہ انئين آهي. انهي ۾ هن ماضي جي ڪارنامن جي واکاڻ ڪانہ ڪئي آهي. هٿئون سڄي توجهہ مرڪوز ڪئي اٿائين پنهنجي قوم جي

اهو بند لوڪ ادب جو حصو يا پرولي لڳي ٿو. اهڙا هيا به مثال سندس تخليقن ۾ موجود آهن.

"پويا" جي شاعري ۾ عروض کي اندَ ۾ اختيار ڪيل ناهي. ان ۾ قافيا ڪونہ آهن. پر آزاد نظم جي اڪثريت به ناهي ڪيترائي بيت لکيا اٿس. ڪٿي ڪٿي قطعا به نظر اچن ٿا. سندس ڏيمي لهجي جي ڪري هن جي نظمن ۾ هڪ- ڪرائي ۾ سُرتال اچي وڃي ٿو. پر ان جو مزو اصلوڪي ٻولي ۾ پڙهڻ سان آهي. ترجمن ۾، خاص طرح هن قسم جي ترجمن ۾، گهڻو مزو هليو ٿو وڃي.

اهو ڏسڻ ڏادو ڏکيو آهي تہ "پويا" ڪهڙن ٻين شاعرن کان متاثر آهي. هن جي پنهنجي شاعري، جيئن اوهان ڏٺو هوندو، غيرروايتي انداز ۾ ۽ انوکي قسم جي آهي. منديءَ ۾ هو پنهنجي ملڪ جي Surrealist شاعرن کان متاثر ٿيو هو پر تڏهن بہ اُنهن جي انڌي تقليد کان پاسو ڪيو هنائين. هن جو ان عقيدي ۾ ايمان هو تہ هر دؤر جا پنهنجا مسئلا هوندا آهن ۽ انهن جا حل بہ. ٿورو ڪي گهڻو اثر جنهن شاعر جو قبول ڪيو اٿائين اهو بہ يوگوسلاويہ جو شاعر Nomcilo- Nastasijevic هو جنهنجي شعري مجموعن کي گڏي، "پويا" تي ڪجهہ اثر آهي ضرور، جن ٻين ڏارين شاعرن جو حوالو "پويا" ڏنو آهي اهي آهن،
Damas - Francis - Ponge - Rilke

يوگوسلاويہ جي شاعرن تي هن جو پنهنجو اثر معلوم ڪرڻ پڻ ڏکيو آهي. سيني سچن بيمثال شاعرن وانگر هن جي دنيا بہ الڳ آهي. انجو اهو مطلب نہ ڪڍڻ گهرجي تہ ٻيا هن کان متاثر ڪونہ ٿيا آهن.

يوگوسلاويہ جي شاعري ۾ "پويا" جو حصو ٿورڙو آهي پر هن جيڪي لکيو آهي اهو اهم آهي، ان ۾ نواڻ آهي پُر ڪشش اظهار آهي ۽ چرڪائيندڙ موضوع آهن. بنيادي مسئلن جهڙوڪ موت، تقدير، زندگي جي معنيٰ، پيار، ڪي هن جهڙي نموني حل

ڪرڻ لاءِ ، ڪشمڪش هوندي بہ ، جدوجهد ڪني آهي، اها هن جي شاعري کي آفاقيت عطا ڪري ٿي. مختصر نمونو چنبو تہ هو شاعرن جو شاعر آهي.

**"راند ڪانپورءِ"**

آخر ڪار هٿ پيٽ کي پڪڙين ٿا
سو پيٽ، ڪلڻ جي ڪري ڦاٽي ڪونہ ٿو پوي
پر پيٽ آهي ئي ڪونہ

هڪ هٿ مشڪل سان مٿي کڄي ٿو
تہ جيئن پيشانيءَ تان ٽڏو پگھر اُگھي
پر پيشاني بہ آهي ڪونہ

ٻيو هٿ دل کي ٿو ڳولي لهي
تہ جيئن دل سيني مان ٽپ ڪائي ٻاهر نہ نڪري اچي
پر دل بہ نهي ئي ڪونہ
ٻئي هٿ هيٺ تي وڃن ٿا
وڃي ٿا گود ۾ ڪرن
پر گود بہ آهي ڪونہ

هاڻي هڪ هٿ تي مينهن پنجي رهيو آهي
ٻئي منجهان گاهہ ٿو اُڀري
مان توکي ڇا ٻڌايان.

نون خيالن ۽ احساسن کي نرالي انداز سان پيش ڪيو ويو. سندس جذباتي ردعمل ۽ اخلاقي فلسفو ليوشيف جي شاعري کي پريور ۽ پُر اثر بڻائين ٿا. بين مشرقي يورپي ملڪن جي همعصر شاعرن وانگر هن به جنگ جي زماني کي پنهنجي شاعري جو موضوع بڻايو آهي. هو ڪڏهن ۾ بت بڻيو بيٺو آهي. هن سان گڏ هن جو ڪو دوست به آهي، هو دنيا تي نظر وجهي ٿو ۽ بندوق جون گوليون هلنديون ڏسي ٿو- هن جي وجود جي جمود جي پوئتان نيون اميدون نڪرن ٿيون.

جڏهن هي جنگ ٿيندي ختم
ٿيندي ختم
ڳوليندا سي اکين ۾
اسان هڪ ٻئي جي اکين ۾
۽ شايد ٿي وڃون حيران
جڏهن ايندين نظر اکيون
انهن ڪان مختلف
جيڪي اسانجي رب هيون رکيون
۽ تون چوندين،
"مان شائق جاز* جو آهيان."
۽ پوءِ مرڪنداسين پنهنجي نالن تي
۽ چونداسين
"خدا توکي وڏاني شل."
نه هوندي دير اها
ان کي نه ئي چنبو سوير
سوَن بي نام وائن لاءِ ۽ بي نام پکين لاءِ
رڳو جيڪي به مرندا
سي ٿي پنهنجي دربدر هوندا.
پنهنجي ٻي نظم ۾ چوي ٿو،
مونکي به جلد سڏيندا

*رقصن جي موسيقي

تمام جلد
ڪڙ پيلن جي فوج ۾
اتي جنرل هوندا
بگل ترارين سميت
ٻلن سميت
جيڪي گناهه جهڙا بڇڙا هوندا
ناچنين سان لڙڪيل هوندن
اهي پينشن جا شوقين هوندا
عزم کان خالي هوندا
يا هوندا شاعر جن جي شاعري ختم ٿي چڪي هوندي
يا عاشق جيڪي پنهنجن پوڻن کي سنڀاليندا هوندا

هڪ غمزده جلوس
اڳتي رڙهندو هوندو
زخمن مان گند وهندو هوندو سرءَ جي جڙي ٻوٽين جي
تيز خوشبو
مون تي نشو طاري ڪندي ....

ليوشيف روايتن ۽ پابندين جو قائل نہ آهي. هو آزاد نظم جو حامي آهي. بلغاريہ جي پراڻي شاعري ۾ ان جي صفتن ۾ هن ردوبدل ڪئي. اظهار جا نوان ذريعا ڳوليائين ۽ ان کي نئين نفاست ۽ احساس ڏنائين. سندس همعصر گهڻو تڻو پنهنجي ملڪ جي مشهور انقلابي شاعر Vaptzarov کان متاثر ٿيل آهن. پر ليوشيف هن جي روايت کان پاڻ کي آجو رکيو. هو ڪلاسيڪي شاعري جي انڌي تقليد جي برخلاف آهي ۽ لوڪ ادب جي نون نقلن جو پڻ. Dalcher وانگر هو شهرن ۽ اتي جي مسئلن کي موضوع بڻائي ٿو. صنعتي زندگي تي بہ لکيو اٿس. اتان جو تجربو بہ اٿس ۽ مشاهدو پڻ. هو ڪجهہ وقت لاءِ هڪ صنعتي منصوبي جي اشاعت واري پاڱي ۾ اخباري نمائندو ٿي رهيو. اتي لڳ

لڳاپن، نفسياتي خواه جذباتي، هن جي سمجھ کي وڌايو. ان جو هڪ مثال سندس نظم "The Day moon" (ڏينهن جو چنڊ) ۾ ملي ٿو.

دنيا زمين، آسمان ۽ سوالن جي ٿهيل آهي،
مان به، ٻين وانگر،
ان ڳالھ کي صاف ڪرڻ جي
ڪوشش ۾ لڳو پيو آهيان،
ته هيئت کي ترڪيب ۾ بدلايان
۽ علم کي ڪارائتو بڻايان.....
پر آخر ڇو
جڏهن ٽرام ۾ سفر ڪندي تازيون خبرون پڙهندي،
يا بعد ۾ پنهنجي اعليٰ عملدار جو رعبدار آواز ٻڌندي،
آخر ڇو
آءُ نظر رکان ٿو
آسمان تي؟

آءُ تنهنجي موجودگي ڇو محسوس ڪريان ٿو
او ڏينهن جا چنڊ؟-
او ڏسجڻ ۾ نه اچڻ وارا،
ٽڪي جي داغ وانگر
ڇو؟
...ڪنڌين ۾
يا ڪو ضروري مضمون پورو ڪندي،
مان تو بابت سوچڻ بنا ڇو نٿو رهي سگهان؟
تون منهنجو ڌيان هٽائين ٿو
ڏينهن جا چنڊ----
هڪ اڇي، شفاف جن وانگي----
هڪ راز.....

تون ٻيهري جي اُس ۾ اتي ڇو بيٺو آهين؟
تون پوئتي رهجي ويو آهين؟
يا اڳ ۾ اُپريو آهين؟
تنهنجي لاءِ اهو سيڪجهه ساڳيو هجي
پر مون لاءِ نه!
مان عارضي آهيان
پنهنجي ڪويتا وانگي
آءُ ڳالهين کي صاف ڪرڻ چاهيان ٿو....
او ڪنوار جي گهونگهٽ جا ٽڪرا
جنهنکي آسمان ۾ اڇلايو ويو هجي!
تون گذريل رات جي يادگيري آهين ڇا
يا جهلڪ آهين انهن ڳالهين جي
جيڪي آئيندي جي اونداهه ۾ سمايل آهن؟

ليوشيف پاڻ مجيو آهي ته هن جي شاعري تي اثر آهي ته مايا ڪوفسڪي، لورڪا ۽ ٽي- ايس- ايليٽ جو. آخر ۾ ليوشيف جي هڪ نظم جو ترجمو ڏجي ٿو جيڪا هن هڪ بلغاروي انقلابي "هندوڪ" تي لکي آهي جيڪو بلغاريه تي ترڪن جي تسلط جي ڏينهن ۾ آزاديءَ جي تحريڪ ۾ حصو وٺندو رهيو.

## هندوڪ جي جڙي ٻوٽي

جادو اثر جڙي ٻوٽي
مسرور ٻوٽي
ان کي اسانجي وطن سان وفاداري جو
اعلان ڪرڻ جي ضرورت ناهي
اها سياري جي قصي وانگر ٽڙي ٿي
۽ پرواهه نه اٿس
ته بين تي ڪهڙو اثر پويس ٿو
اها خراب ڦٽن کي چٽائي ٿي

۽ پيار کي پڙڪائي ٿي.
ان کي "هندوڪ" جي جڙي ٻوٽي سڏجي ٿو.
منهنجي لاءِ ان جي اها حيثيت آهي....
پر ماڻهن لاءِ؟ ائٽم- زده دنيا جي لاءِ؟
انهن لاءِ اها ڇا آهي؟
اڏو گابرو نقطو
بلغاريه جي ٽڪائيندڙ جڙي- ٻوٽي گهر ۾
هڪڙي ٻوٽي جيڪا اُپڻ کان انڪار ڪري ٿي
پر نيز ۾
ائنديز ۾
هماليه ۾
ڪٿي به نه ٿي نِسري
سواءِ بلقان جي ڇانوَ جي
۽ رهڳو منهنجي دل ۾
بلغاريه ۾
هندوڪ جڙي ٻوٽي!
ڪڙپيل نيم- حڪيم اڌ رات جو
ان جي ڳولها ۾
رڙهن ٿا
نُوس نُوس ڪن ٿا
ڪوٽ ڪوٽان ڪن ٿا
۽ ان کي زمين مان پٽي ڪڍن ٿا
منهنجي دل منجهان ان کي ڇڪي ڪڍن ٿا.
اُهي ان کي گندن ديڳڙن ۾ اوبارين ٿا
ان جي مٿان منتر پڙهن ٿا
۽ اها نڳيءَ سان وڪڻن ٿا
مسافرن جي پياس بجهائڻ لاءِ هر ڪائين ٿا
مريضن کي خطرناڪ بيمارين لاءِ دوا طور ڏين ٿا

خدا انهن نيم حڪيمن کي غرق ڪري!
منهنجي دماغ ۾ هڪ خيال واسو ڪيو آهي
جنهنجو بنياد بين الاقوامي آهي
مونکي ڄاڻ ڪانهي ته اڳيان ڪيترا رستا آهن
اها به ڄاڻ ڪانه اٿم ته ڪهڙي آسمان هيٺ
آءُ آخري ويڙهه ڪندس....
جيڪڏهن ڪا هڪ به گولي منهنجي ياءُ کي لڳي
هيڊي رنگ واري کي
يا برف جهڙي اڇي کي
يا نااُميدي سان ڀريل ڇهري واري کي
ته پوءِ مان نڪري نروار ٿيندس
پنهنجو ساهه هن ۾ ڦوڪيندس
۽ کيس چوندس،
" مان هندوڪ جي جڙي ٻوٽي آهيان."
"منهنجو نالو بلغاريه آهي."
مان هن جو زخم چمندس
۽ اهو ٺيڪ ٿي ويندو
جينئن پرين جي آکاڻين ۾ هوندو آهي
پوءِ اسان گڏجي ڊوڙنداسون
ڳاڙهي ڌرتي جي چوڌاري
۽ ڳائينداسون
آزادي!
آزادي!
آزادي!

ٽيودر آرغيزي

# رومانيہ

R. M Alberes نالي هڪ سخندار ٽيودر آرغيزي جي شاعري کي "ويهين صدي جو روحاني تجرباتي سفر" ڪري بيان ڪيو آهي. سندس شاعري ستن ڏهاڪن تي محيط آهي ان ڪري انهيءَ منجهہ هن صديءَ جي مسئلن جو عڪس موجود آهي ۽ گهڻي قدر انهن سوالن جو جواب پڻ جن کي اجوڪو انسان منهن ڏئي ٿو ۽ جنهنجي پنهنجي قسمت مشڪوڪ آهي. ارغيزي کي رومانوي ادب ۾ وڏي فخر واري ۽ مٿانهين جاءِ مليل آهي جهڙي موسيقي ۾ Enescu کي يا سنگتراشي ۾ Brancusi کي.

رومانوي شاعري جي مدارالمهام Macedonski ويهين صدي جي شروعات ۾ ارغيزي کي دريافت ڪيو ۽ هن جي شاعري جي ساراهہ جا ڍڪ پريائين. مشهوري ملڻ شرط ارغيزي ان وقت جي ٻن ادبي تحريڪن جي اشاعتن Vieata Noua ۽ Revista Modernaسان ساٿ ڏنو. انهن شاعري ۾ اشاريت کي اڳتي وڌايو. ارغيزي ڪجهہ وقت پٿر جي اوساري ڪرڻ وارو اُستو تي ڪم ڪيو. پوءِ آرٽ جي نمائش ڪرڻ واري هڪ شخص جو سيڪريٽري ٿي رهيو. ان ڪانپوءِ کنڊ جي ڪارخاني ۾ ڪيمسٽ طور ڪم ڪيائين. جڏهن ١٨ سالن جو ٿيو تہ هڪ مذهبي فرقي ۾ شامل ٿيو ۽ پادري بڻيو. اهو صوفيائي بحران جي ڪري نہ هو تہ. آءُ عام رواجي دنيا مان نڪري بيءَ ڏانهن ويس، جنهن جي مونکي ڪا سُڌ ڪانہ هني. اتي مونکي نہ فرشتن پهچايو نہ آسماني سمنڊ منجهان نڪرندڙ سُس پُس ۽ نہ ڪو مونکي پرن وانگر گهوڙن پنهنجي پٺيءَ تي ڪٽي پهچايو."

بعد ۾ ان جو سبب هن پنهنجي اُتم ڪهاڻي "مندونا جون اکيون" ۾ اهو ڄاڻايو تہ اهو هڪ درد مند روح جو فيصلو

هو جنهن نئين نظام کي سمجهڻ تي گهريو ۽ جيڪو ناهه واري نيتي ۽ بغاوت جي نظريہ جي وچ ۾ ٻڏ تر ۾ بيٺو هو.

١٩٢٧ع ۾ هن جو پهريون شعري مجموعو شايع ٿيو تہ ان جي تعريف بہ ٿي تہ مخالفت بہ، ان ۾ ١٠٠ نظم شامل آهن. هن ڪتاب بهرحال ارغيزي کي اصلوڪي ۽ نئين اسلوب واري، ٻوليءَ جي ماهر شاعر طور متعارف ڪرايو. اڳتي هلي هن جو نالو رومانيا جي ادبي تاريخ ۾ اهم جاءِ والارڻ وارو هو.

ڪن ادبي تاريخ نويسن ارغيزي کي جديد شاعر ڪري مڃيو آهي پر هو پاڻ انتهائي راءِ کي رد ڪندو رهيو. هن جي ان مونجهاري ۾ تضاد طرف هڪ نقاد E. Lovinescu ١٩٦٢ع ۾ ني اشارو ڪيو هو. اهو تضاد دراصل اڄوڪي انسان جو آهي. ارغيزي جي شاعري نغماتي شاعري جي روايت جو حصو آهي ۽ نہ رڳو منجهس جماليات کي شامل ڪيو آهي ۽ نئون شاعرانو لهجو ڏنو اٿائينس، بلڪ ادبي صدي جي شروعات جو اهڃاڻ بڻي آهي. اجا بہ انين چنجي تہ هن جي شاعري پنهنجي اصليت ۽ صدي کان بہ ٻيپي وجي ٿي ۽ ماڻهوءَ جي دنيا ڏانهن رويہ کي ظاهر ڪري ٿي. "انڪار ۽ ايمان" جي وچ ۾ ڦيريون کائي هو نيٺ انسان- نئين انسان جي، قدرت واري سان لاڳاپي کي بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هو حقيقت ۽ عدم جون حدون ڊاهي ڇڏي ٿو. هو قدرت کان ڪو معجزو ڪونہ ٿو گهري پر ان جي زندگي جو مظاهرو چاهي ٿو، نشانين جي ذريعي، جيئن انجيل جي قصي ۾:

جڏهن منجائي ستاري جي پنيان روانو ٿيو
تہ تو هنن سان ڳالهايو- اهو ممڪن هو.
جڏهن يوسف بہ هلڻ لڳو
هن جو نالو ڪتابن ۾ لکيو ويو
۽ تو هن جي رهنمائي لاءِ هڪ فرشتو موڪليو
۽ فرشتو هن سان گڏ رهيو

ان وقت کان وٺي تنهنجا فرشتا
نظرداري ڪندا رهيا
نئين چاول ٻار جي، انسان جي، هن جي زال جي.
پنهنجي بي آرام تنهائي ۾ هو چاهي ٿو تہ فرشتن جا پَرَ
ڇُرڻ پُرڻ لڳن پر ائين تني ڪونہ ٿو. حقيقت جي سرحدن جي هُن
پر واريون پروميٿيس' جي زندگي جي تجربي کي مطمئن ڪري
ٿيون سگهن.
آءُ برف سان ٿڙ ڪريان ٿو ۽ پٿر تي سمهان ٿو
جتي ٻاڇا اندر اچن ٿا
اتي آءُ ڇٽنگون اُڏايان ٿو
جتي چُپ جو پهرو آهي
اتي آءُ پنهنجا زنجير لوڏيان ٿو
۽ منهنجي زنجيرن جي ٽنڻ سان دروازو بہ ٽٽي پوي ٿو
جڏهن آئون جيل جي چوٽي تي پهچان ٿو
تہ خطري کي آواز ڏيان ۽ پڙڪايان ٿو
آءُ سوڙهي رستي تان ٽپو ڏيڻ ٿو وڃان
۽ پنهنجي ڪلهن تي سڄو سارو جبل کنيو ٿو وڃان.

ارغيزي هڪ نظرياتي شاعر آهي. نظريو هن جي شاعرائي دنيا جو اڻ ٽٽندڙ حصو آهي. ان جي ڇاپ هرهنڌ هن جي شاعري تي آهي. ١٩٥٥ع ۾ هن جي مشهور نظم CINTARE OMULUI ڇپي. ان ۾ هن انسان ۽ ڪائنات جي موضوع کي پيش ڪيو. انسانذات جي تاريخ کي هن مرڪزي خيال بڻايو ۽ زمان ۽ مڪان سان اُن جي رشتي کي ڏيکاريو. هن نئين انسان کي وساريو ڪونہ آهي. بلڪ اهو ڏيکاريو اٿس تہ هو ڪيئن نہ پنهنجي فطرت تي قابو پائي ٿو ۽ اهو ڪجهہ حاصل ڪري ڏيکاري ٿو جنهن سان اڳ مدمقابل ٿيندو هو تہ مطيع تي پوندو هو. ان نظم ۾ هن اهو بہ ڏيکاريو آهي تہ انساني تاريخ ۾ سڀ کان مٿانهون درجو انساني تخيل کي مليل آهي.

١٩٦٥ع ۾ ارغيزي جو ڪتاب SILABE ڇپيو ان ۾ هڪ نظم شامل آهي جنهنجو عنوان آهي CALE FRINT (ڏکيو رستو) ان جو موضوع انسان ۽ تقدير آهي. انسان پنهنجي تقدير سان جنگ جوٽي جيتوڻيڪ هو نبل آهي يا دونهي جو نهيل آهي پر تڏهن بہ هو اهڙي ويران رستي تي هلڻ لڳي ٿو جنهن ۾ ڪيترائي جبل ۽ نديون آهن پر آخرڪار اهو طئي ڪري ٿو. آخر ۾ هن جي هڪ لافاني نظم جو ترجمو ڏجي ٿو.

## گلدستو

او مٽيءَ جا نازڪ گلدستا! آئون توکي ڏسان ٿو
تون ٽي هزار سال زندهہ رهيو آهين.
صديءَ پنيان صدي جا تو گذاري آهي
ان تنهنجي خال ۾ هلڪا نشان ڇڏيا آهن
۽ ازل جي هر عرصي
شاهديءَ لاءِ مٽيءَ جو هلڪو تهہ
عرصو يا گهڙي رهجي وڃي ٿي ۽ صدي مري وڃي ٿي.
تون، جيڪو رازن سان پرپور آهين، چپ رهڻ تي مجبور آهين
مٽيءَ جي گهرائي ۾ تون لڪل رهيو آهين
انهن جي هڏن مٿان ڪوبہ يادگار نهيل ناهي
جنهن توکي جوڙي راس ڪيو
انهيءَ جو ڪو نالو نشان ڪونہ بچيو آهي
سواءِ مٽيءَ جي، جنهن ۾ پلا برا سڀ سمايل آهن
تون موجود آهين، هو جڻ هوئي ڪونہ.
پر پنهنجو خون پسينو هڪ ڪري، هُن انسان
پنهنجي آڱر جي تنهن سان توکي گلن- رس ڏنو
۽ تنهنجي نازڪ بدن جي گولائي کي
آلي مٽيءَ جي احساس کان آگاهہ ڪيو.
تون ٿي سگهين ٿو، هو ڪونہ ٿو ٿي سگهي
تنهن جي نهند ۾ ساهہ آهي. زندگي آهي.

تون رڳو خدا جو ناهين
چنڊ جيان ، ستاري سمان ، جهنگ جهر وانگر،
تون مون جهڙو بہ آهين ،
هٿ تہ هليو ويو
پر تنهنجي لافاني گولائي اُن جي نفيس ڇهاءَ کي
فتح بخشڻ کانپوءِ

ڪنير هنرمندي سان توکي پنهنجي ترِيءَ تي رکيو
۽ تو هن جي آڪر کي جواب ڏنو جو ٻڌجڻ ۾ آيو
نازڪ آواز، مٺو، ساتيڪو،
ازل وانگر نئون نڪور ۽ سچو ۽ مڪمل.

خوابن جي ۽ مٽيءَ جي ڪنير
توکي آواز ڏنو،
پر اهو آءُ ئي آهيان جيڪو توکي گويائي عطا ڪريان ٿو.

جيڪي باقي بچيس اهو هن جو ذاتي شعور هو. بهشت وڃائي ويٺو ۽ اٽلانٽس بہ. ڪيترين ئي دنيائون ايريون ۽ عدم ۾ گم ٿي ويون. انساني زندگي ۽ تاريخ خدا ڏانهن واپسي جي ڊرامائي ڪوشش آهي، جيڪا خدا کان علحدگي جي نقصان جي هوريان هوريان تلافي ڪندي ويندي ۽ اڻ ڏٺل دنيا جي احساس کي آهستي آهستي جاڳائيندي. ڏک ڏاڪڙا تيسين انسان کي مليل هوندا جيسين هو خيالي دنيا ۾ 'عارضي نفعي' جي ڪڏ لڳو رهندو. پر ٻي دنيا بہ آهي جيڪا وقت جي قيد کان آزاد آهي. 'وورروش' چوي ٿو تہ هن تصور ۾ ان کي ڪيئي دفعا ڏٺو آهي.

مونکي حياتي ۽ موت جي پرواهہ ناهي، آءُ اهڙو
ابدي سڪون چاهيان ٿو جنهن جو ماده سان
تعلق نہ هجي ۽ نہ ئي عقل ان کي سمجهي سگهي.

پر مٿين جو اهو مطلب نہ ڪڍڻ گهرجي تہ 'وورروش' روزمره جي زندگي کان بيپرواهہ آهي. ائين برابر آهي تہ هو انساني زندگي کي بي معنيٰ تصور ڪري ٿو پر اهو ان ڪري جو هو حقيقت جي حقيقي هئڻ ۾ يقين نٿو رکي. هڪ لحاظ کان هو ٻين ڪيترين مارڪسوادين کان وڌيڪ حقيقت پسند ۽ ماده پرست لڳي ٿو. البت ائين آهي تہ هن وٽ ماديت جو مطلب اهو ناهي تہ سياسي مسئلن جو حقيقت پسندانہ تجزيو ڪجي پر ان ۾ هو فطرت ۽ دنيا جي تصور کي سمائي ٿو ڇڏي.

جيتوڻيڪ سياسي حلن ۾ 'وورروش' جو بلڪل اعتقاد ڪونهي پر هن اهڙي شاعري بہ ڪئي آهي جيڪا آئيندي جي کوجنا ڪندڙ کي نظرياتي سياسي شاعري کان مٿانهين نظر ايندي ۽ جنهن ۾ هنگري جي سماج جي ويهين صدي جي حالت کي صحيح طرح پيش ڪيو ويو آهي.

پنهنجي آخري دور جي شاعري ۾ هن سماجي تنقيد جو

رخ ڦيراني ڇڏيو آهي. هن جي خيال ۾ يا تہ انساني تهذيب خودڪشي جي حد کي پهچي وئي آهي ۽ ختم ٿيندي يا تہ اندرين دنيائن کي جيارڻو پوندو جتان آئيندي جي انسان جي پاڻ تي فتح جي منزل جو نشان ملندو.

پافو هاويڪو

# فنليند

هن ڪتاب ۾ جن شاعرن کي شامل ڪيو ويو آهي انهن جي پيٽ ۾ فنليند جو شاعر پافو هاويڪو عمر ۾ ايڏو وڏو نہ آهي. هو ١٩٢١ع ۾ ڄائو- ١٩٥٠ع واري ڏهاڪي ۾ فنليند ۾ شاعري جو جيڪو جديد دؤر شروع ٿيو، هيءَ ان دؤر جي مکيہ شاعرن منجهان هڪ آهي. هڪ تہ هن پراڻي طرز ۾ نواڻ آندي ۽ ٻيو تہ جنگ کانپوءِ واري دور جي نئين نسل جي شاعرن جي آواز کي اظهار ڏنو. ٽورن ئي سالن ۾ نون فنش شاعرن يورپ ۽ آمريڪا جي جديد طرز جي واقفيت حاصل ڪئي ۽ ان کي پنهنجي شاعري ۾ استعمال ڪرڻ جو ڏانءَ حاصل ڪيو. هن دور جي شاعري تي ڪيترائي اثر نمايان نظر اچن ٿا. "ايليٽ" ۽ "پائونڊ" جو اثر، سويڊش ۽ فرينچ شاعرن جو اثر ۽ فنليند ۾ رهندڙ سوئيڊش ٻولي ڳالهائيندڙ جدت پسندن جهڙوڪ "سودر گران"، "ڊڪنونيس"، "بيورلنگ"، اينڪيل" جو اثر.

طرز يا اسٽائيل جي تبديلي جو مقصد بہ واهہ جو پورو ٿيو. ان جي ذريعي نون شاعرن پنهنجي مطلب جو اظهار ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. نون شاعرن ۾ ڪيترائي خداداد قابليت رکندڙ نمائندا شامل هئا، جهڙوڪ، هيلوي جو ورنين"، "ايوا"، "ليزامننر"، "ايلاڪوي ڪاهو"، "توماس اين هاوا"، "پينٽي هولاپا" ۽ "لاسي نومي." انهن ۾ رڳو هاويڪو ئي اڪيلو شاعر هو جنهن کي طرز جي ڳولها ۾ ڪنهن تجرباتي مرحلي مان لنگهڻو نہ پيو. جينئن يوناني ڏند ڪٿا ۾ آهي تہ "پلاس" "زين" جي متي مان نهيل ٺڪيل ٻاهر نڪري آيو هو، تيئن "فنش" شاعري جي ميدان ۾ "هاويڪو" بہ مڪمل ٿي نروار ٿيو.

ويهن ورهين جي عمر ۾ ١٩٥١ع ۾ "هاويڪو" جو

'فنش' ٻولي ۾ نين طرزن تي طبع آزمائي ڪئي پئي وئي.

نظم اظهار ٿيڻ چاهي ٿي
۽ چاهيان ٿو تہ نظمن کي
خفيف ذوق هئڻ کپي
۽ ٻاڻ ڪنهن مخلوق کي ڏسان ٿو- پَر اُميد گاهہ وانگي.
هيءَ سڀ ڏري گهڻ ناممڪن آهن
هي مانوس خطاب جي ڏريعي سفر آهي
ان خطي ڏانهن جيڪو ڪاٿ جاءِ ناهي
هن نظم کي ڳائڻو آهي، اُٿي بيهي،
يا پڙهڻو آهي بنا آواز جي، اڪيلو.

بعد ۾، ان ساڳي نظم ۾ هو پنهنجي لکڻين تي ٽيڪ ٽپڻي ڪري ٿو ۽ پڇي ٿو: 'هن نظم جو موضوع ڪهڙو آهي؟ ڇا ان کي نظم ڇني سگهجي ٿو؟' هڪڙو جواب ڪا عورت ڏئي ٿي، جيڪا تجويز ٿي ڪري تہ:

'مونکي هي نظم ناهي ڏيو. ان کي سياري لاءِ گرم ڪريو. رهائش لاءِ ان کي سستو بڻايو. چيزون رکڻ لاءِ ان ۾ ڪپڙ رکو.'

سو، شاعري ڪا پختي شئي ڇنبي، اها هڪ گهر آهي، يا هڪ منظر. 'جنم ڀومي' ۾ بہ شاعري کي ملڪ جي روپ ۾ ڏسيل آهي. شاعر جي گهر طور پيش ڪيل آهي. 'هاريڪو' شاعري جي سلطنت جو بہ ذڪر ڪري ٿو.

مون توکي گمراهہ ڪيو آهي
تون جبل جي هيٺ بيٺل آهين
سيارو آهي
تون وڻن جي ٽارين مان ليٽا ٿو پائين
شهنشاهہ کي ڏسڻ لاءِ- جيڪو ڪونهي
پر پيهر جڏهن تون اکيون بند ڪرين ٿو

تون ڪيس سندس گهر ۾ ڏسين ٿو
۽ هن جو عڪس چٽو آهي

مون توکي گمراهه ڪيو آهي
هاڻي پنهنجون اکيون کول
مونکي نه هڏ

سلطنت تنهنجي دل ۾ آهي
اتي
ان کي طاقت آهي
سلطنت ٿهي ٿي ۽ ڊهي ٿي
اک ڇنڀ ۾
۽ اها مري وڃي ٿي
جڏهن اکيون کولجن ٿيون.

بيٽي الور

# ايسٽونيا

١٩٣٦ع ۾ نظمن جو هڪ مجموعو 'مٽي ۽ باهه' جي نالي سان ڇپيو جيڪو نوجوان ايسٽونين شاعره بيٽي الور جو لکيل هو. هوءَ ذهين ناول نويس جي حيثيت ۾ اڳ ۾ ئي ڄاتل سڃاتل هئي. هن ڪتاب ڪانپوءِ هڪ شاعره جي حيثيت ۾ آئي. هن جي شعر ۾ حيرت ۾ وجهندڙ پختگي ۽ فن هو. ايندڙ ڇهن سالن ۾ رسالن ۾ هن جي شاعري شايع ٿيندي رهي. ايسٽونيا جي ادب ۾ ڪلاسيڪي قوت رکندڙ شاعره جو اضافو ٿيو. ملڪ لاءِ هي وقت تلخ تجربي جو هو. ان وقت اهو جرمني ۽ سوويت يونين ١٩٢٩ع ۾ ان جي ڪجهه حصي تي قبضو ڪري ورتو ۽ ١٩٤٠ع ڌاري ان کي يونين سان ڳنڍي ڇڏيائين. ١٩٤١ع ۾ سوويت يونين ٻيهر ان تي قبضو ڪري ڇڏيو. ان دوران 'بيٽي الور' پنهنجي ملڪ ۾ رهي پئي هئي هوءَ ويهه سال خاموش رهي. آخر ١٩٦٤ع ڌاري هن پشڪن جي شعري مجموعي Evegeni Onegan جو ترجمو ڪيو ۽ ڇپ جو روزو کوليائين.

١٩٦٦ع ۾ سوئيڊن ۾ هن جو اڳ ڇپيل شعري مجموعو شايع ٿيو. فلوريڊا يونيورسٽي جي پروفيسر 'اننٽس اوراس' ان تي جيڪو مقالو لکيو تنهن 'الور' جي شخصيت کي ايسٽونيا جي ادب ۾ بين الاقوامي حيثيت ڏني. پر خود سندس وطن ايسٽونيا ۾ هن جي شاعري کي پراڻي بورجوا سمجهي نظر انداز ڪيو ويو. ١٩٦٠ع واري ڏهاڪي ۾ جڏهن ثقافتي آب و هوا ۾ ردوبدل ٿيو تہ هن جي مٿان تنقيد ڪجهہ گهٽ ٿي. ماڻهن ۾ سندس شاعري لاءِ چاهہ هيو. ان جو مظاهرو تڏهن ٿيو جو ١٩٦٦ع ۾ سندس مجموعو The hour of destiny مارڪيٽ ۾ آيو تہ ان جون ڏهہ هزار ڪاپيون چند ڪلاڪن ۾ وڪامي ويون، ان وقت هوءَ

سٺ سالن جي ڄمار کي پهتي ايسٽونيا جي نقادن تڏهن سندس انسان دوستي، سچائي تي مبني بالغ نظري ۽ ٻولي جي پاڪيزگي کي ساراهيو. سندس هموطنن سندس اعتقاد جو ٻه داد ڏنس جنهنجي ذريعي هن نہ رڳو ٻاهرين مخالفت کي سٺو بلڪ خاموش رهي ٻہ ادبي تخليق کي نہ ڇڏيائين.

سوويت ايسٽونيا ۾ "الور" کي پنهنجو مقام موٽي مليو. ان جو باعث هڪ مضمون بڻيو جيڪو "Karl Muru" لکيو. ان مضمون ۾ "الور" جي شاعري جي تعريف ڪندي لکيو ويو تہ ان ۾ انساني سمايل آهي. ١٩٦٨ع ۾ تہ- ماهي ايسٽونين مخزن "MANA" جيڪو سوئيڊن مان ڇپيو هو "الور" جي تازه شاعري جو انتخاب ڇاپيو ۽ ان بابت ايسٽونيا جي نقادن جو رد عمل پڻ شايع ڪيو ويو. انهن ڇڻ تہ ننين ٿهي کي گڏ ڪري، "الور" جي شاعري بابت ٻڌايو ويو. باقي الور جي ان شاعري ۾ نہ حب الوطني جا گيت ملن ٿا ۽ نہ ئي مزاحمت واري شاعري، جيڪا ان دؤر ۾ ايسٽونيا جي ڪميونسٽ حڪومت سان اختلاف رکڻ وارن شاعرن لکي پئي. هن جي اوائلي شاعري ۾ ذاتي بغاوت جا جيڪي اهڃاڻ هتا سي اڳتي هلي، جهڪا ٿي، زندگي کي مانيٿي نموني گذارڻ ۾ بدلجي ويا.

"الور" جي مجموعي "مٽي ۽ باهہ" ۾ اندر جي اُٿل پٿل کي ڊراماتي اظهار ڏنو ويو آهي. ذهن ۽ روح، دل ۾ دماغ جي ڪشمڪش ان ڪتاب ۾ نمايان نظر اچي ٿي. ٻين ڪيترن نظمن ۾ زور ۽ ڪمزوري، بغاوت ۽ محبت، وصال ۽ فراق، دولت ۽ غربت، خوشي ۽ غم، زندگي ۽ موت جو تڪرار نظر اچي ٿو. هوءَ فرينچ شاعر "بودلينر" کان ڪافي متاثر لڳي ٿي، جنهن وٽ مابعد الطبيعاتي بغاوت آهي ۽ جنهنجو نظريو آهي تہ سونهن ضدن کي ملائي ٿي ڇڏي. "الور" ٻہ هن وانگر شاعرائي گهرائي رکي ٿي ۽ هن جهڙو تيز حسياتي تفصيل جو شعور ٻہ. "بودلينر" وانگر هوءَ ٻہ سمجهي ٿي تہ انساني جسم رمز ۽ ڪنايہ سان ڀرپور آهي. هن جي

هڪ مختصر نظم 'مصور، شينهن جي پڃري ۾' آهي جنهن ۾ موضوع رڳو هڪ تصوير تي مرڪوز آهي، پنهنجي فن سان هوءَ ان کي هڪ ننڍي طنزيه ۽ مزاحيه نظم ۾ تبديل ڪيو ٿي ڇڏي جنهن ۾ شاعرانا ڪنايا شامل آهن.

زمين تي جانور جي بيقرار جسم جي تصويرن تي
منهنجون اکيون ڪتل آهن، سندس ڪنڌ جي وارن تي
۽ رنگ ملايان ٿي، اهو ڄاڻندي به تہ هن پڃري منجهان
۽ خود هڪ به تصوير ڪڏهن نہ سگهنديس.

مان شينهن، جنهنجي چنبن مان قسمت سان ئي بچي ٿي سگهان ان ۾ ڏسان،
دوستن جهڙو ڪوئي نشان،
تہ پوءِ آئي باقي بچڻ جو رهي ٿو نہ امڪان
پنهنجي ناهيل وڏي جانور کان.

پنهنجي نظم 'حل' ۾ هنين چوي ٿي،

مجسم ڳالهايو،
جيڪو توکي موت جنان نظر آيو
هيو اجايو
زندگي جا سرشتا پرپور آهن
جڏهن تون پنهنجا پن ڇاڻي ٿو ڇڏين
آرام سان مون وانگر
تہ اونداهہ ۾
پنهنجون پاڙون ٿو مضبوط ڪرين
پوءِ چاهين نہ چاهين
پر بيهر سانو ٿيڻو پوندءِ

هنجي نظم 'گهر جي ٽڪري' ۾ ان ترڪيب کي رمزيہ انداز ۾ بيان ڪيو اٿس.

موت عقابي اک سان توکي جاچي ٿو
پر تون بيهج "گهر جي ٽڪري" تي مضبوط
ڏي آواز
وچايل سيني روحن کي
تنهنجو ڊپ ۽ تنهنجو شڪ
مٽيءَ وانگر ڪرندو تنهنجن پيرن تي
تنهنجي پيار جي ريشمي ڌاڳي جو آڌاٺو
هيڙين کي نيئي آئيندو
ڪنارن تي.
پنهنجي هي نمائنده نظم "قسمت جي گهڙي" ۾ اجهو هيئن چوي
ٿي.

گمراه ٿيل طوفان
زندگي جي چوواٽي تي بيهي
ڪجهه به نه ٿو پڇي، اهو تنهنجو ڪم آهي
ته پنهنجي بابت جواب ڏين.
رات ڪيتري به ڊگهي ۽ اونداهي ڇو نه هجي
پر تون پنهنجي پيشاني تان
پنهنجو نالو ڊاهي ڪينن سگهندين؟

هڪڙو پنَ به روشنيءَ پنيان لڳي ٿو
پوءِ بين پنن سان گڏجي، ڪري پوي ٿو.
پر اڪيلو ني اڪيلو
تون پنهنجي منزل کان وانجهيل نه رهندين؟

ته پوءِ تون وڃ
وڃي پنهنجي ڪارانتي هنڻ بابت ڄاڻ حاصل ڪر
ڇا توکي خبر ناهي

تہ ڪنهنڪي نرم مزاجي ڪيئن ملندي آهي؟
۽ ڪيئن ظلم ڪرڻ اوچتو نہ ايندو آهي؟
گلن جي پيالن کي زنگ ڇو نہ لڳندو آهي؟
زندگي ۾، قسمت جي گهڙي هڪ دفعو ڇو ايندي آهي؟
ڇو اجهامندڙ روشني ٻرندي رهندي آهي
۽ طوفاني راتين ۾ مڙسن لاءِ ڪونہ وسامندي آهي
وڃ، اهو پاڻ کان بهتر ماڻهن کان وڃي پڇ،
زندن کان پڇ،
مُردن کان پڇ،
پر گذرندڙ وقت کان نہ پڇ،
ڇو تہ جيڪي سانگي سان گهگهہ اونداهہ ۾ هليا ويا
چراگاهن جي هُن پر،
يقين ڪج
تہ انهن کي پرواهہ نہ آهي

تہ ٻيڙياتو ڪين اتفاقي طور يا ٻيءَ طرح گمنامي ڏانهن وٺي هليو ويندو.

١٩٦٥ع ۾ "اُلورَ" جو مجموعو "وري وري" شايع ٿيو. يا جيڪو ان کان پوءِ واري دور جو هن جو ڪلام آهي، ان ۾ هن جي "اندر جو منصف" زياده نمايان آهي. اندر جو انصاف ۽ انسانيت انهن جا خاص موضوع آهن. ان ۾ اخلاقي احساس تي زور ڏنل آهي. هن شاعره جي تخليق پنهنجي ملڪ جي شاعري ۾ قابل قدر اضافو ڪري ڏيهہ ٻاهر ڏيساور کان داد حاصل ڪيو آهي.

هينريڪاس ريداسڪاس

# لٿانيا

بورس پنسٽرنيڪ هڪ هنڌ لکيو آهي تہ شاعر جي سوانحعمري نهي ٿي، هن جي پڙهندڙن تي ڇڏيل سندس شاعري جي اثر منجهان. جيڪڏهن ائين آهي تہ ريداسڪاس معمر هوندي بہ لٿانيا جي جوان جماڻ شاعرن مان هڪ آهي. ڇاڪاڻ جو هن جي شاعري پڙهڻ سان تازي ايجاد ۽ جوان جذبات جي شدت جي مسلسل تجربي مان لنگهڻو ٿو پوي.

هن جو پهريون شعري مجموعو Fontanas يا ڦوهارو ١٩٢٥ع ۾ پڌرو ٿيو هو پر هن جي اصلي اثرائتي شاعري جلاوطني دوران اُڀري. ١٩٥٠ع ۾ هن جو ڪتاب "Arrow in the Sky"(آسمان ۾ تير) ڇپيو. ١٩٥٥ع ۾ "The Song of Winter" (سياري جو گيت) آيو ۽ ڏهن سالن کان پوءِ يعني ١٩٦٥ع ۾"Lightnings & Winds" (وڄون ۽ وائون) منظر عام تي آيو. هن جي شاعري جو مطالعو انهن ٽن ڪتابن تي مبني آهي. بهرحال هن جي شاعري جي خاصيت انهن تاريخن سان وابستہ نہ آهي بلڪ هن جي فن جي اندر موجود آهي.

ريداسڪاس انتهائي اصلوڪو ۽ منفرد شاعر آهي ۽ ويهين صدي جي، لٿانيا جي شاعري جي، ڪنهن هڪڙي مڪتب يا تاريخي تسلسل جي لحاظ کان، ڪنهن هڪڙي دور، جي اندر هن کي قيد ڪري نٿو سگهجي، نہ ڪو هن جو سنئون سڌو سنبنڌ آهي انهن شعري رجحانن سان، جن مان آزادي جي اوائلي دور واري، حب الوطني سان ٽمٽار رومانوي شاعري نڪتي، نہ ئي ١٩٢٠ع ڌاري واري زماني جي مستقبل پسندن سان سندس گهڻو واسطو آهي. بي مهاپاري لڙائي کان اڳ واري رومانوي اشارين ۽ عيسوي تصوف سان بہ سندس شاعري لاڳاپيل ناهي.

لڙائي کانپوءِ واري جلاوطن نسل جي وجوديت، فيلسوفاڻا جماليات وغيره جي جهلڪ بہ سندس شاعري ۾ خير ڪا آهي. ايتريقدر جو، لڙائي کان پوءِ وارن ڏهاڪن جي لٿانيا جي تاريخ جي عظيم واقعن، بدامني ۾ ڏکوئيندڙ حالتن جا بہ ڪي ٽوررڙا سڏا سنوان پڙاڏا، هن جي فن پارن ۾ ملن ٿا.

الگِ ٽلگِ رهڻ جي ڪري، 'ريداسڪاس' پنهنجي پڙهندڙن کي اڪيلو ۽ پهچ کان پري نظر اچي ٿو. پڙهندڙ تہ عام طور، شاعري کي هڪ مقرر دؤر جو سڌو سنواٽو جذباتي آواز ڪري سمجهندا آهن. هن جي شاعري تازگي يا طاقت ۾، ڪنهن ڪلاسيڪي يوناني مجسمي جي ٽڌاڻ نظر اچي ٿي.

الگِ ٽلگِ هو ان ڪري بہ ٿو لڳي جو پنهنجي تخليق ۾ هو عام رواجي دنيا جي شين کي، پنهنجي تخيل جي آڌار تي، نہ رڳو نئين سر مرتب ڪري ٿو پر ڪڏهن تہ انهن کي نيون صورتون بہ ڏيو ڇڏي.

ڳوڙهن جمالياتي بنيادن تي پنهنجي تخليقن کي بيهارڻ جو لاڙو جيڪو 'ريداسڪاس' منجهہ آهي، تنهن هن کي دانشور شاعر جي شهرت بخشي آهي. پر اها دانش هڪ اهڙي شخص جهڙي ناهي جيڪو زندگي جي اهم مسئلن جا فيلسوفاڻا حل ڳوليندو هجي يا جيڪو پنهنجي هم جنسن جي طرز زندگي ۽ انهن جي اعتقادن تائين رسڻ جو سعيو ڪندو هجي. فنڪار جي حيثيت سان هن جو واسطو انهن اخلاقي يا سماجي عوامل سان ٿئو ٿئي، جيڪي انسان جي، زندگيءَ جي مابعد الطبيعاتي پهلوءَ سان ٿيندڙ ڇنڊڇاڻ جي مان نڪرن ٿا. پر هن جو واسطو رهي ٿو مکيہ انساني تجربي جي شاهوڪاري ۽ ڦيرڦار سان.

جمالياتي شاعري جو جيڪڏهن اهو مطلب ڪديو وڃي تہ اها لکندي، فنڪار، زندگي جي مٽاڇري تان، ترڪندو وڃي ۽ ڪنهن سان بہ واسطو نہ رکي، تہ پوءِ اها بي معنيٰ ٿي پوندي. 'ريداسڪاس' اها ڳالهہ پليءَ پٽ سمجهي ٿو. هن جي خيال ۾

شاعر اڪيلو مسافر ناهي جيڪو ماڻهن ۽ شين کي رڳو ڇهندو وڃي ٿو ۽ انهن زندگي گذاري ڇڏي ٿو. هن جي شاعري ۾ شاعر جو هلڪو ڇهاءُ نهايت گهرو آهي. اهو بنيادي حقيقتن يعني زندگي ۽ موت تائين پهچي ٿو. هن جي شاعري رڳو ايتري حد تائين جمالياتي آهي جيستائين زندگي ۽ موت جي وچ وارن ڳتيل تعلقات کي فن جو درجو حاصل آهي. اچا به انهن ڪٺي ڇنجي ته هن لاءِ شاعري هڪ اهڙي شعوري ڪوشش آهي جنهن سان هو فن کي موت ۽ زندگي جي حقيقتن سان گڏ تين حقيقت طور مڃرائڻ گهري ٿو.

سدا جيئڻ، اولين انساني اميد آهي ۽ سڀ کان گهڻو ڊپ آهي- موت جو. فيلسوفي ۽ مذهب جا دم دلاسا اسانکي سمجهائين ٿا ته طبعي زندگي ۽ طبعي موت ڪانسواءِ به حياتي جو ٻيو رخ آهي. اخلاقي ۽ فيلسوفاڻي قدرن وارا فنڪار زندگي جي ان ٻئي رخ جي ڳولها پنهنجي فن جي ذريعي ڪندا رهن ٿا. هو پنهنجي خلقڻهار جو نقل ڪندي، ماڻهو جي تخليق تي زور ڏين ٿا ته جئن موت جي ڊپ ۽ عدم معنويت تي قابو پائي سگهن ڇو ته اها ڳالهه ني ڪين دائمي زندگي جو تصور ڏيني سگهي ٿي.

جيئن مٿي ٻڌايل آهي ته "ريڊاسڪاس" جي شاعري جون وڏي ۾ وڏيون حقيقتون آهن- زندگي ۽ موت، انهن ٻنهي جي ڇڪتاڻ جي نتيجي ۾ ڪيتريون بي بها شيون سرجن ٿيون، آرٽ به انهن منجهان هڪ آهي، پنهنجي تخليق ۾ هو ان کي اجاگر ڪري ٿو.

سچ
بهشت جو منل پڪي
منهنجي دري تي
پٽر وانگر، ڪِري ٿو.

ڇنڊ
اچا سچو نه اُپريو آهي

تنهنجي وارن جي نقاب منجهان
چمڪي ٿو، اُپري ٿو.
مان توکي چنبڙيو پيو آهيان
مان خوشي وچان ڪران ٿو
جنن سمنڊ ۾.
پر اڄ
نديءَ وانگر
تون وهي چڙينءَ،
مون ڏانهن،
۽ هاڻي وري
پنهنجي ماءُ جون ڳالهيون تي ڪرين، جا مري چڪي آهي ۽
چنڊولن جي ڳالهيون تي ڪرين
۽ طوفان کان بچاءَ وارين درين جون ڳالهيون تي ڪرين
مون سان ڳالهائيندي چنڊ جي ڪرڻي کي اشارو ٿي ڪرين
جيڪو اسان ڏانهن ڊوڙندو اچي ٿو
۽ اشاري سان، پرسان اچي بيهي ٿو
۽ تون اتاهه روشني ۾ بدلجي وڃين ٿي
جيڪا شيشي هيٺان ڪڪر آئي بيهاري ٿي
تہ جئن توکي ٿڌ کان بچائي سگهي.
مٿي آسمان ۾
هڪ زرد ستارو
ڏند ڪٿائن جي خوشبو ۾ ٻڏل،
مري وڃي ٿو.
سڙهُ ڪجهي رهيو آهي تون روئج نہ، خدا حافظ
(ساموندڊيءَ جو سفر)

فقط هڪڙي نظم ۾ انسان جي سڄي تاريخ سمائجي سگهي ٿي-
بهشت ۾ هن جي شروعات کان وٺي، اينمي تباهي ۾ هن جي

ممڪن اٿئ تائين! ان جو مثال اسان کي 'ريداسڪاس' جي نظم 'جنگ جي شروعات' ۾ ملي ٿو.

ننڍڙو ٽانگ سٽل هو،
يتيم،
وڃائجي ويل،
بنا پيءُ ماءُ جي،
پيغمبر جي سنهي زبان
ڇوڏاري خوشي جي بج چٽي رهي هئي
شام اميدن جو چڪار ڪري رهي هئي
ڪلورين، ڪاربن ۽ آڪسيجن
شيشي جي ڪفن ۾ آرام سان پيئون هيون.

سنهڙو سپ جاڳي پيو، بزار ۾ رڙ مچي وئي
ڌماڪي پنهنجو ريٽو هٿ ڪنڌ مٿان رکيو
مهاٽي، مذ مست ٿي خوشي وچان رڙ ڪئي ۽
فطري جو گهنڊ وڄايائين
آڪسيجن ۽ پڻ هائيڊروجن،
پنهنجو اٿاهه ڪم شروع ڪري ڏنو.

ريداسڪاس' جي نن ۾ ننڍڙيون، معمولي شيون به وڏيون معنائون رکن ٿيون. فطرت جي جزئيات کي شخصي غم ۽ خوشي جي يادگيري سان ڳنڍيو ويو آهي. انهن جي وسيلي وري ڌمن جي ڏورانهين ڏيهه تائين پهچڻ جو سعيو ڪيو ويو آهي. اهي تفصيل، ڳهريون نظرون ۽ احساس هڪ ٻئي سان لهه و چڙ ۾ اچن ٿا. تخيل جون عظيم ۽ ڪشاديون جايون گوناگون شاعرائي حقيقتن سان پرجي وڃن ٿيون. مڪمل زندگي، شين، آوازن ۽ رنگن جي نه ڪٽندڙ سلسلي سان پرجي وڃي ٿي ۽ بامعني ۽ شاعرائي

ٿيو پوي. تخيل کي حقيقت جي مٿان فتح حاصل ٿيڻي ٿي، آرٽسٽ جي پنهنجي ٺاهيل پوڻ ۾. اها مضبوط ۽ ٺهيل پوڻ آهي، جنهنکري "ريداسڪاس" ان کي ڪنهن به مذهب يا فيلسوفي يا وطن پرستي يا تاريخ جي ڌارا جي تابع ڪرڻ ٿو چاهي.

**"ميڻ جي بتخاني ۾ باهه"**

ميڻ جي بتخاني جي تهخاني ۾
پهريدار عينڪ پائي ٿو
هو هڪ سونهري پڪيءَ جي ڪهاڻي پڙهڻ لڳي ٿو
جيڪو هر رات وساريل قبر ۾ پوريل
خزاني مان ٻاهر نڪري اچي ٿو،
هن جي هٿن مان ڪتاب ۽ پائيپ ڪري پون ٿا،
پکي اُڏامي، هن جي خوابن ۾ هليو وڃي ٿو
وري هيٺ اُڏامي اچي ٿو،
ٻاجي وانگر وڄڻ لڳي ٿو
۽ پاڻ کي تهخاني ۾ آڳي اڇلائي ٿو
ته- ٽڪرا ٽڪرا سون ٿي پوي ٿو.

بستري جي ميڻان باهه جا نارنگي هٿ ٻاهر نڪرن ٿا
۽ هن کي گهٽو ڏيڻي ٿا چڏين،
هو اٿڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر بنا رڙين ڪرڻ جي ڪري پوي ٿو،
اُلا، آهستي آهستي مٿي ترندا، روندا،
نرم گرم ڏڪن سان ڇت کي ڇهون ڇهون ڪرين ٿا.
ميڻ جي بتن جا منهن پگهرجي ڳرڻ لڳن ٿا
جڻن سر ريئلسٽ پينٽگس ۾.
۽ مشهور شاعر، جيڪو پنهنجي جيئري
پنهنجي پرسان ڪنهن به عورت کي جيڪر برداشت نه ڪري ها

ڏسي ٿو تہ بادشاھہ جي سريت، پنھنجي ڳرندڙ چاتين سان،
ڪمر وٽ بہ اڌ ٿيندي ڪٺن نہ ھن جي مٿان، تيزي سان،
آ ھلندي اچي.
پنھنجي پڇاڙيءَ کان پوءِ ھو وڏي واڪي رڙ ڪري ٿو
پوائنٽو منھن ٺاھي ٿو،
سريت جي ٻانھن ۾ ڪري پوي ٿو
۽ ھو ٻني جٺا پنھنجي پڄرندڙ ڪپڙن مان ترندا نڪرن ٿا
۽ پگھريل ميڻ جي تلاءَ منجھہ آھستگي سان گڏجي وڃن ٿا.

گنارس سالنس

# لٿويا

'گنارس سالنس' جي شاعرائي دنيا افسانوي دنيا آهي جنهن تي اونهاري ۾ سياري وارين ششماهين جي سجن جو راڄ آهي. جينئن يورپ جي ڏورانهين اتر ۾ وچ اونهاري جو سج لهندو ئي ڪونهي ۽ وچ سياري ڏاري اُڀرندو ئي ڪونهي. تينئن هن جي ڪيفيت به آهي. هن جو شاعرائو تجربو افسانوي منظر ۾ اجاگر ٿئي ٿو، جيڪو اونداهي سج جي سلطنت تائين پکڙيل آهي.

'سالنس' جي شاعري بابت رايو اهو آهي ته اها شهرن جي شاعري آهي. خاص طور نيويارڪ شهر جي. ان ۾ ڪو شڪ به نه آهي ته هن جي شاعري شهري قسم جي آهي. بدلجندڙ نظارا، مختلف قسم جي اگهاڙپ، شهري زندگي جي تيز رفتاري هن جي شاعري ۾ جهلڪي ٿي. آسمان کي ڇهندڙ عمارتن Skyscrapers جي ڪشش هن کي مبهوت ڪيو ڇڏي. نيويارڪ بابت هن جو نظريو خيال آهي. هن جي نظر ۾ اهو فطرت سان لاڳاپيل آهي، يا وري روشني مان ڦٽندڙ آتشبازي ۾ بدلجي وڃي ٿو. هن لاءِ اهو خيالي شهر به آهي ته پيار جو شهر به، 'ويرن مٿان نهيل چنڊ جو شهر.'

'سالنس' جي شاعري ۾ تاريخ جو اثر خير ڪو آهي. هو افسانوي شاعري جو خالق آهي. تنهن هوندي به هو W.B. Yea ts وانگر قومي ڏند ڪٿا کي شعوري طرح استعمال نٿو ڪري.

'سالنس' جي ٻن سجن جي جهلڪ هن جي ٻن شعري مجموعن Mighlus krogs (ڏند جي دنيا) ١٩٥٧ع ۾ "Meina Saule" (ڪارو سج) ١٩٦٧ع ۾ نظر اچي ٿي. اها اهڙي دنيا آهي جتي اونهاري ۾ سج لهي ئي ڪونه ٿو. ان جي چند ڪلاڪن

ڳاڙهن وارن وارن
مست فرشتن هوندي-
مونکي ڪوني سهارو ناهي
آءُ وڃان ٿو ڪرندو- ڪرندو
ڪيڏانهن؟

ناظم حڪمت)

# ترڪي

جديد دؤر ۾، جتي ١٩١٨ع کان وٺي انقلابي تبديليون اچڻ لڳيون- ناظم حڪمت پهريون ۽ سڀ کان وڏو بت شڪن هو. هو کليو کلايو ڪميونسٽ هو جنهن جا خيال ۽ نظريا حڪومت جي پاليسي سان ٽڪرائبا هئا. پنهنجي شاعري ۾ هن ڪابي ڌر جي مقصدن جي حمايت ۽ تائيد ڪئي. هن بي سهارن لاءِ انصاف جي گهر ڪئي ۽ انقلاب ۾ پنهنجي اعتقاد ۾ ايمان جي تصديق ڪيائين. ١٩٢٠ع جي ڏهاڪي جي اوائل ۾ ئي هن آزاد نظم کي ترڪي ادب ۽ شاعري ۾ متعارف ڪرايو ۽ پراڻي عروضي شاعري ۽ تُڪبندي جي بيخ ڪڍي ڇڏيائين. ڪوئي به جديد ترڪي شاعر ناظم حڪمت جي غنايت جي دز کي نه پهچي سگهيو. هي خاصيت هن جي شاعري ۾ اها آهي ته هو انساني حالات کي انتهائي ڪماليت سان ڊرامائي رنگ ڏئي پيش ڪري ٿو. نه رڳو هن جي محبت ۽ جلاوطني وارين نظمن ۾، پر سياسي نوعيت جي نظمن ۾ به هڪ روح روان دوان آهي جيڪو انهن جي ترجمي ۾ به قائم رهي ٿو.

ناظم حڪمت کي بين الاقوامي شهرت هن جي بيانن جي نغمگي ۽ هن جي تخليقن جي رجائيت ۾ اثر جي ڪري ملي. هن جا مخالف بڪندا رهيا ته هن کي اها شهرت ترڪي کان ٻاهر ملي. اهو هو ان اثر هيٺ چوندا رهيا جو ته هن جي ادبي شهرت کي سوويت يونين ۽ ٻين سوشلسٽ ملڪن ۾، جتي هو گهمندو رهيو يا جلاوطني جي زندگي گذاريندو رهيو، هوا ملي.

ناظم حڪمت زنده به رهيو خواه لکيائين به هڪ رومانوي انقلابيءَ وانگر. هن جي طوفاني ۽ ڏکن ڀريل زندگي ١٩٦٣ع ۾ پوري ٿي. ان وقت هو ٦١ سالن جو هو. هن ترڪي ۾

۽ ان کان ٻاهر بہ، بي انصافيءَ ۽ بي حسي خلاف جنگ جوٽي. پنهنجي نظرين ۽ اصولن جي ڪري هن ١٧ سال جيل ڀوڳيو. هن جي شاعرانہ زندگي جي اڌ عرصي تائين هن جي شاعري کي دٻايو ويو.

ناظم حڪمت جهڙا ٿوراني ڪي شاعر هوندا جن جي خانگي خواه عوامي زندگي جي لاهن چاڙهن کي انهن جي شاعري کان الڳ رکي سگهجي. هن جي فن جو گهڻو حصو مشتمل آهي جيل جي سزائن، انقلابي ساٿين، سڄي عمر لاءِ جلاوطنيءَ ۽ دل برداشتگي تي. پر انهن نظمن بہ، جن ۾ حقيقي زندگي جا حوالا آهن نہ ڪون، ترڪ پڙهندڙن جي تخيل کي پڙڪائي پنهنجي بڻايو. ڪين انهن ۾ درد جا نوان پهلو نظر آيا جو پلي پت ڇاتائون پئي تہ ناظم حڪمت محروميءَ ۽ خوف جي ڪهڙين حالتن مان لنگهيو هو.

هو ماڻهن ۾ ناظم جي نالي سان مشهور هو. هن جي پيءُ جو نالو 'حڪمت بي' هو. پٹس پهريائين ترڪي جي حڪومت جي پريس آفيس ۾ ڊئريڪٽر هو ۽ بعد ۾ قونصل جنرل ٿيو. ناظم اڃا سورهن سالن جو هو ۽ استنبول جي نيول انڪيڊمي ۾ پڙهي رهيو هو جو پنهنجون پهريون نظمون شايع ڪرايائين. اهي ان دؤر جي رواج مطابق پابند نظمون هيون جن جا موضوع پيار محبت، موت ۽ حيات بابت اندازا، قومي وقار، قدرتي سونهن سوبيا ۽ نئون تصوف هئا.

١٩٢٠ع ۾ نوجوان شاعر، جنهن کي ادبي حلقن ۾ شهرت ملي چڪي هئي، استنبول، جيڪو ان وقت پهرين عالمگير لڙائي جي نتيجي ۾ گڏيل قومن هيٺ هو، ڇڏي، اناطوليہ ڏانهن هليو ويو جتي ترڪ، مصطفيٰ ڪمال پاشا جي اڳواڻيءَ هيٺ قومي آزادي جي جدوجهد ۾ مصروف هئا. ڪجهہ وقت هو ماستر رهيو. پوءِ انقلابين جي اثر هيٺ آيو. هن ترڪي جي آزادي واري جنگ جي پذيرائي ڪئي. ١٩٢١ع ۾ ناظم، جيڪو تصوف ۽ وطن

پرستي کان سواءِ ڪنهن ٻئي متي جي تلاش ۾ هو، سوويت يونين ويو جتي ڪميونزم تي عمل ٿي رهيو هو. ان نئين نظريه هن جي سوچ کي روشن ڪري ڇڏيو ۽ هن جي اندر سٺي دور جي آس پيدا ڪئي. هو چار سال ماسڪو جي University of the Workers of the East ۾ پڙهندو رهيو. اتي هن جي شاعري ۾ معنويت بابت خيالن ۾ تبديلي آئي، ڪميونزم سان سندس تعلق ٿيو ۽ سندس سوچ انقلابي ٿي ويئي. ان نئين تربيت کان پوءِ جيڪا پهرين نظم هن جي قلم مان نڪتي اها هئي "بڪايل انسانن جي اکين جون ماڪيون" جيڪا هن 'بڪايل انسان' نالي فلم ماسڪو ۾ ڏسڻ کان پوءِ لکي. ان جو منظوم ترجمو پيش ڪجي ٿو.

ڏسو ڏسو هي
ڏسو اسانجا
بڪايل انسان
نه مرد آهن، نه عورتون هي
نه ڇوڪرا هي، نه ڇوڪريون هي
هي ناتوان ۽ ضعيف انسان
پراڻي وڻ جي
وريل ۽ ڪمزور ٽارين جان
انهن جا عضوا
سڪل ۽ بنجر زمين جو
ڄڻ ته حصو آهن

قطار اندر قطار ۾ هي بڪايل انسان
ٻه ٽي نه آهن
نه پنج ڏهه هي
سون هزارن لکن ۾ ناهن

ڪروڙ آهن
اسانجا هي ٽي ڪروڙ
بيحد بڪايل انسان
اسان جا هيڏا بڪايل انسان.

١٩٢١ع ۾ ان نظم جي اشاعت سان ناظم جي آزاد نظم لکڻ ۽ نظرياتي شاعري جي ابتدا ٿي. آزاد شاعري ۾ به هن غنائيت تجنيس حرفي ۽ ڪٿي ڪٿي قافين جو استعمال ڪيو. هن جي فن جو نئين ٽهيءَ جي ترڪ شاعرن تي گهرو اثر پيو.

ناظم جي نين جمالياتي تخليقن کي روس جي عظيم شاعر 'ولاد مير ماياڪو فسڪي' جي فن پارن سان پيٽيو ويو. ڪيترن ئي نقادن ڪيس ماياڪو فسڪي کي پنهنجو ماڊل بنائڻ تي نِنديو. ڪيترن سالن کانپوءِ هن ان الزام جي ترديد ڪئي. پر مرڻ کان ڪجهه سال اڳ هن ترڪي جي روسي اسڪالر اڪبر بابايار کي ٻڌايو ته ١٩٢١ع ۾ هن ماياڪو فسڪي جي هڪ نظم دلچسپي سان پڙهي هئي ۽ روسي ٻولي نه ڄاڻندي به هن ان نظم جي هيئت کي پنهنجي 'بڪايل انسان' ۾ سمائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

ناظم تي ماياڪو فسڪي جي اثر تي اڄ تائين جائزا ورتا پيا وڃن. مٿس اهو به الزام آهي ته Sergei Esenin جي هڪ نظم جو نقل به ڪيو هنائين. پر ان جي پڪي ثابتي به اڄ سوڌو ڪانه ملي سگهي آهي. ناظم فرينچ آزاد شاعري کان متاثر ٿيڻ ته قبوليو ئي آهي. پنهنجي ١٩٢٠ع جي ڏهاڪي وارين نظمن کي هن پاڻ ئي 'آئيندي جون' سڏيو آهي. هن جي ان ترڪيب، مشيني دور جي عظمت بابت ڪيترين ئي نظمن کي جنم ڏنو.

اسانجي جذباتيت
انجڻ وانگي آهي
جيڪا ريل جي بندن تي روان رهندي به

پنهنجو آهني عظمت وارو جُثو وجائي ڪاڻ ٿي.
اها اسانجي آهي
انجڻ اسانجي شعور جي شاخ آهي.

ٽر رر رم
ٽر رر رم
ٽر رر رم!
ٽڪ ٽڪي ٽيڪ
مان ٽيڻ چاهيان پيو
هڪڙي مشين
ذهن مان منهنجي ۽ منهنجي ماس مان
هڏن مان ايڙي ٿي اها خواهش سدا.

ناظم حڪمت پنهنجي شاعري ۾ ماديت کي شامل ڪيو جيڪا جدت هئي. اها اسلامي تصوف ۽ عثماني ترڪن جي صدين کان مجيل مابعدالطبيعاتي اعتقادن جي بنهه ابتڙ هئي. ان کانسواءِ اها اٺويهين صدي جي وچ کان وٺي ڪتب ايندڙ مخصوص نظرياتي يورپ کان متاثر ٿيل شاعري جي بہ مخالف هئي. جيتوٽيڪ ترڪي جو هيءَ جدت پسند پنهنجي مادي تصور کي تجريديت کان گهڻي قدر بچائي ورتائين. شايد ترڪي شاعري ۾ هن جي وڏي کان وڏي خدمت اها آهي تہ هن ان ۾ نوس موضوعن کي آڻي ڏيکاريو. ١٩٢٤ع ۾ جڏهن هو سوويت يونين کان ترڪي موٽي آيو تہ اُتساهي انقلابي نظمن ذريعي جيڪي طنز ۽ ڪاوڙ سان ڀريل هيون، هن اقتصادي بي انصافي ۽ انساني وقار جي بيحرمتي خلاف آواز اٿاريو. هن جي پرڪشش شخصيت، هن جي طوفاني نظمن خلاف ۽ عوام الناس اڳيان اُهي پڙهڻ سان هن ماڻهن ۾ ڏاڍي چاهتا پيدا ڪئي ۽ هي نوجوان شاعر جلد ئي ادبي هيرو بڻجي ويو. ١٩٢٨ع ڌاري هن جو آواز ايتري قدر تہ

موثر ۾ روڪ ٽوڪ وارو ٿي پيو هو جو حڪومت هن کي نظر انداز نہ ڪري سگهي خاص ڪري جڏهن تہ ان جا سوويت يونين سان تعلقات بگڙڻ لڳا. ناظم کي جيل اماڻيو ويو حالانڪ هن يقين ڏياريو هو تہ هن جو واسطو رڳو مارڪسزم ڪميونزم جي ادبي پهلو سان هو.

جيل مان نڪرڻ کانپوءِ هن پنهنجيون نظمون ڪٺيون ڪري ورتيون ۽ هڪ ٻني پنيان ڇاپرايائين انهن جو تفصيل هيٺين ريت آهي:

1) 835 Satir — ١٩٢٥ع(٨٢٥سٽون)
2) Jokond ile Si - ya - u
3) Varan 3 — ١٩٢٠ع(ٽيون نمبر)
4) 1+1=1
5) Gece Gelen Telegraf — ١٩٢١ع (تار جيڪا رات جو ملي)
6) Benerci- Kendini- Nicin Oldurdu (بينر جي پاڻ کي ڇو ماري وڌو؟)
7) Portretes — ١٩٣٥ع(پورٽريٽ)
8) Taranta Babuya Mektuplar — تارانت بابوءَ ڏانهن خط)
9) Seyh Bedreddin Destani (شيخ بدرالدين جو داستان) ١٩٣٦ع

پنهنجي شاعري ۾ خواهہ ڊرامن جهڙوڪ، Kafatasi (مغز) ۽ Unutulan Adam (وسايل ماڻهو) ۾ هو بت شڪن فنڪار ۽ سماجي نقاد جو ٻٽو رول ادا ڪندو رهيو. هن ٽيهن واري ڏهاڪي ۾ چيو هو تہ "مان فن کي سماج جو باعمل ادارو ڪري مڃيان ٿو. مون لاءِ فنڪار انساني روح جو انجنير آهي."

١٩٢٩ع ۾، هڪ انٽرويو دوران ناظم هي رايو ظاهر ڪيو هو، "نئين شاعري- جيڪا شهر جي شاعري آهي- گهڙجي جوڙجڪ ۽ تڪنيڪ واري آهي. گهڻائي زندگي جي ورجايل آوازن جي بدران هاڻي اسان وٽ شهر جا ساز آهن. نئون شاعر شعر،

نثر ۽ مقامي ٻولين ۾ ڪو تفاوت نٿو ڏيکاري ، هو هڪ گڏيل ٻولي ڪم آڻي ٿو جيڪا هتراڊو هڻڻ جي بدران پُرجوش ، رنگين ، ڪوڙهي آهي.

ناظم جيئن جيئن فن ۾ پڪو ٿيندو ويو تيئن تيئن ادبي ڪارج بابت پنهنجي ڪميونسٽ نظرين ۾ پختو ٿيندو ويو. هن پاڻ کي ڏٻايل طبقي جي محرومين ۽ امنگن بابت واڪا ڪرڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. ٢٧ سالن جو ٿيو ته چيائين ته هو ڪارانتي حقيقت نگاري ۾ يقين رکندڙ هو. ١٩٢٧ع ۾ هڪ انٽرويو دوران هن پنهنجي نظرثاني ڪيل نظمن جو ذڪر ڪيو ۽ خود- تنقيدي تي ڪاربند ٿيو. چيائين "بالزڪ جي حقيقت نگاري جا ڪيترائي رخ آهن. اها سچ کي ان جي پوري گنڀيرتا سان ڏيکاري ٿي. ان ۾ ماضي ، حال ۽ مستقبل جا سڀ جزا اچي وڃن ٿا. مان به اهڙي نموني جي حقيقت نگاري ڪرڻ ٿو چاهيان. منهنجي گهٽين لکڻين جو پهلو گهٽو آهي. نتيجي طور منهنجي نڪرن ۾ پروپيگنڊا جو پهلو گهٽو آهي. مونکي هاڻي پنهنجي غلطي جو احساس ٿئي ٿو. مون پڪو ارادو ڪيو آهي ته پنهنجي آئنده تخليق ۾ ساڳي غلطي کان پاسو ڪندس. دنيا بابت منهنجا خيال اڳي جهڙا آهن پر انهن خيالن جو اظهار ڪهڙي طرح ڪجي ان بابت منهنجي خيالن ۾ تبديلي آئي آهي."

١٩٢١ع ۽ ١٩٢٧ع جي وچ ۾ ناظم جي ڇپيل شاعري جو جائزو هن جي جمالياتي ارتقا جي نشاندهي ڪري ٿو. هن جون طويل نظمون ۽ داستان ان اوسر کي پڌرو ڪن ٿا. ان دور جي پنهنجي ڪتابن ۾ هن بينڪ شاهي ، سرمايه داري ۽ فاشي نظامن کي ننديو آهي.

پنهنجي ڪتاب "تارنت بابوءَ ڏانهن خط" ۾ هن مسوليني جي فاشزم ۽ ايٿوپيا (حبش) تي چڙهائي کي موضوع بڻائي بين الاقوامي بي انصافي ۽ ڇيڻ کي پر زور نموني پيش ڪيو آهي.

ناظم جو شاهڪار "شيخ بدرالدين جو داستان" ١٩٣٦ع

۾ ڇپيو. ان ۾ هن فنڪار جو فن پنهنجي انتهائي بلندين تائين پهتل آهي ۽ اها نظم اوتاين کان وانجهيل آهي. اهو شيخ بدرالدين ۽ هن جي پوئلڳن جي بغاوتن جو نغماتي ۽ ڊرامائي داستان آهي. انهن پوئلڳن ۾ هڪ انقلابي نوجوان "بورڪلوج مصطفيٰ" نالي پڻ هو جنهن ١٥ صدي ۾ هڪ مذهبي فرقي جو پايو وڌو جنهن ۾ امن آشتي، گڏيل ملڪيت ۽ هڪجهڙي انصاف جو پرچار شامل هو. ناظم ٻڌائي ٿو ته عثماني لشڪر وليعهد شهزادي مراد جي حڪم هيٺ ڪهڙي طرح انهن بغاوتن کي دٻائي ڇڏيو، مصطفيٰ کي ماري ڇڏيو ۽ بدرالدين کي ڦاهي چاڙهي ڇڏيو. ان شاهڪار ۾ مواد ۽ هيئت، طرز ۽ ڊرامائي انداز، حقيقت ۽ اشاريت سمايل آهي. ان کي ويهين صدي جي ترڪي ادب جي بهترين طويل نظم مڃيو ويو آهي.

ترڪي جو هي سڀ کان وڌيڪ اتساهه ڏيارينڙ ۽ متنازع شاعر ١٩٢٨ کان وٺي ١٩٣٢ع تائين جيل کان اندر ٻاهر رهيو. ان دور ۾ هن پنهنجا بهترين نغما لکيا. ان کان پوءِ ١٩٣٨ع ۾ جڏهن هو شهرت جي بلندين تي هو ته بغاوت ڪرڻ ۽ ملٽري جي شاگردن کي بغاوت تي ڀڙڪائڻ ۽ تخريبي ڪاروائي ڪرڻ جي ڏوهه هيٺ هن کي کهلي آئي ملٽري ٽرانبيونل آڏو پيش ڪيائون جتي کيس ٢٤ سال جيل جي سزا ڏني وئي. قيد کان علاوه هن جي ڪتابن تي بندش وڌي وئي جيڪا ١٩٥٠ع ۾ هن جي آزاد ٿيڻ کانپوءِ لٿي. جيل ۾ هن الاهي لکيو. هن ويهه هزار سٽن جي طويل نظم لکي جنهن جو عنوان هو "منهنجي ملڪ مان ماڻهن جي ياچ."

١٩٥٠ع ۾ جڏهن ترڪي ۾ گڏيل پارٽين جي حڪومت جو تجربو پني ٿيو ته ترڪي دانشورن ناظم حڪمت کي ڇڏائڻ جي مهم هلائي. ان کي ٻاهران به هٿي ملي ۽ حڪومت کي مجبور ٿي هن کي ڇڏڻو پيو. سال کن کان پوءِ هو سوويت يونين ڏانهن ڀڄي ويو جو ته دل هيس ته خراب صحت ۽ وڌندڙ وهيءَ جي باوجود به

گهري تہ مان هن جي انساني خصلتن ۾ اڻ کٽ توانائي کي سلام ڪريان. مان جڏهن هن سان مليس تہ هو سخت بيمار هو پر مون کي هن جي زندهہ رهڻ ۾ وڙهڻ جي پختي ارادي کي ڏسي عجب لڳو. هن ڏاڍو عذاب پوڳيو ۽ موت کان بچڻ لاءِ پڄي نڪتو، پر تڏهن بہ آرام نہ آيس. بيو ڪو هجي ها تہ ائين ڪري ڪونہ سگهي ها. هن جي نظر ۾ ڪنهن بہ شيءِ جي پڄاڻي ڪانہ هئي- هن کي خبر هئي تہ انسان کي اڃا ڊگهو ٿيڻو آهي- ۽ اهو تہ انسان کي پاڻ کي ٿاهڻ کپي- پنهنجي دشمن خلاف جنگ جوٽڻ سان."

ناظم حڪمت کي اهم ادبي شخصيتن جهڙوڪ لوريا، اراگان، ماياڪوفسڪي، نرودا، ارتان سان ڀيٽيو ويو آهي. هن جون ڪي نظمون تہ انهن عظيم ليکڪن جي تخليقن سان مشابهت رکن ٿيون ۽ ڪٿي ڪٿي تہ هو سندن طرز مان استفادو بہ ڪري ٿو پر حڪمت جي ادبي حيثيت ان لحاظ کان بيمثال آهي تہ هن جي اندر نغمہ گو سان گڏ بت شڪن بہ موجود آهي. نظرين سان گڏ هو شعري طرز جو خالق بہ آهي.

## فتح جي باري ۾

ڏکندڙ هٿن سان تون پنهنجي زخم کي جهلي ويهندين،
پنهنجي چپن کي چڪ پائيندين تانجو انهن مان رت نڪرندو،
تون سور سهي ويندين.

اميد اجائي رڙ آهي
اگهاڙي ۽ بيرحم.

۽ فتح،
هر صورت ۾ حاصل ڪبي
تنهنڪري اها ڪنهن کي بہ معاف نہ ڪندي.

ڏينهن ڳڻندا ٿا وڃن
انهن تي موت جا اثر آهن
دشمن ڪنيير سوچ ۾ آهي
۽ ظالم
۽ جابر.
مقابلي ۾ اسان جا ڪونڌر ڪُسبا ٿا وڃن.
(ڪيڏا نہ هو جيئري رهڻ لائق هئا)
اسان جا ماڻهو مرندا ٿا وڃن،
ڪيترائي،
جڻ هنن ڪا بغاوت ڪئي هئي
ڪنهن موڪل جي ڏينهن، گيتن سان ۽ جهنڊن سان،
ڪيڏا نہ جوان
ڪيڏا نہ دلير.

ڏينهن ڳڻندا ٿا وڃن
انهن تي موت جو اثر آهي
خالي هٿين
اسان سهڻين دنيائن کي ساڙي ڇڏيون ٿا
اسان جڙن اکيون نير وهائڻ کان نابري ٿيون وارين،
اسان غمگين آهيون ۽ تاڻيل،
ڳوڙها اسان کي ڏهاڳ ڏئي ويا آهن.
ان ڪري ئي
ڪير ٿا چائون تہ معاف ڪيئن ڪبو آهي.
اسان پنهنجي منزل مراد ڳولي سگهون ٿا،
رڳو رتوڇاڻ ڪندي،
۽ فتح
هر صورت ۾ حاصل ڪبي
تنهنڪري اها ڪنهن کي بہ معاف نہ ڪندي.

لاسگش- مگجيني- مارٽن جماج

# البانيا

۱۹۷۸ع ۾، برلن ڪانگريس کان پوءِ ئي، پهريون پيرو، منظم طريقي سان، البانوي قومپرستي واري تحريڪ شروع ٿي. البانيہ کي آزادي تہ ۱۹۱۲ع ۾ ملي وئي پر ان جو رياستي جوڙجڪ ۱۹۲۰ع کان اڳ مڪمل ٿي نہ سگهيو. ۱۹۲۹ع ۾ مسوليني جي فوجن البانيا تي قبضو ڪري ورتو. ان قبضي جي مخالفت ۾، اتي نئين قومپرستي جنم ورتو جنهن جو اظهار ٻي مهاڀاري لڙائي دوران ٿيو. ان تحريڪ جي نتيجي ۾ اتي ڪميونسٽ حڪومت قائم ٿي پر ان حڪومت البانوي آزادي جي تحريڪ کي دٻائڻ جي بدران ان جي پٺڀرائي ڪئي، ان جو اهو سبب هو جو البانيا پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪرڻ لڳو اڪيلائي جو احساس ان وقت وڌي ويو جڏهن البانيا، يوگوسلاويا کان (۱۹٤۸ع) ۽ سوويت يونين کان (۱۹٦۰ع) ۾ ڌار ٿي ويو. انهي منجهان ئي سمجهي سگهجي ٿو تہ اتي اڄ ڏينهن تائين قومپرستي جو ايڏو زور شور ڇا لاءِ آهي. سندس لوڪ ادب تي بہ ان جي گهري ڇاپ آهي جنهن جون ڏارائون وڃيو اطالوي- البانوي شاعر Girolamo de Rada جي مجموعي Milosao سان ملن جيڪو ۱۹۳٦ع ۾ ڇپيو هو.

البانوي شاعري ۾ بہ روايت کان بغاوت نظر اچي ٿي. ٻنهي مهاڀاري لڙاين جي وچ واري عرصي ۾، البانوي شاعري روايت کان جند ڇڏائڻ ۾ لڳي پيئي هئي. هن سلسلي ۾ ٻہ شاعر خاص طور سان قابل ذڪر آهن، پهريون نمايان شاعر هو Lasgush Po radeci ۽ ٻيو Migjeni، ٻنهي ڌارين ملڪن جا تعليم يافتہ هنا جنهن جو اثر هنن جي شاعري تي پيو. 'پرديسي' بڪاريسٽ ۾ مري ويو. اتي رهندي هو Eminescu کان متاثر ٿيو جيڪو

رومانيا جو برک شاعر هو. پر هو رومانوي ۽ قنوطي شاعر هو. بهرحال "پرديسي" جي شاعري تي هن جو گهرو اثر پيو هندو لوڪ ادب ۾ ديو مالا جو. هن جي ڪجهه شاعري ته البنيا جي لوڪ ورثي ۾ شمار ٿئي ٿي. باقي بي اشاراتي صوفيانه طرز جي چئي ٿي سگهجي جنهن جو مدار روحانيت تي آهي. "پرديسي" جي شاعري جو اهو حصو اهم آهي ۽ ڪيس گهٽي مشهوري ان جي ڪري ئي ملي. انهن ٻنهي عنصرن يعني ثقافتي ورثي جي واڪاڻ ۽ روحانيت جي راڳن ملي ڪري " پرديسي" جي بهترين شاعري کي جنم ڏنو. هن جي شاعري جو بنياد پنهنجي شهر Ochrida ۽ ان جي پسگردائي ۾ قدرت جي حسين نظارن تي رکيل آهي. ان شهر جي پر ۾ خوبصورت ڍنڍ آهي. هن پنهنجي ان ماحول جي ڇنسالي ڪرڻ لاءِ پنهنجي فن کان ان جي اٿت جو واهه جو ڪم ورتو آهي! يا وري Drin نديءَ جو ذڪر ڪيو اٿس. اها البانيا جي ڏکڻ ۾ ڏکڻي ندي آهي. اها Saint Naum جي تاريخي مڙهيءَ مان نڪري ٿي. Saint Naum کي البانيا جي آثار قديمه ۾ وڏي اهميت حاصل آهي. سندس هڪ نظم جو ترجمو هيٺ پيش ڪجي ٿو:

بي پايان هڪ ڍنڍ مٿان
ڏنڌلو سج اُڀي ٿو
هڪڙي پاڇي وانگر
پردي وانگر
جيڪو هوريان هوريان کُلي ٿو
جبلن تي ۽ چراگاهن ۾
رات جا ٽاندا پچري پچري هيٺ ڪرن ٿا
شهر مٿان
آڪاش کان ڪرندا، غائب ٿيندا
چوڌاري مشڪل سان ڪو آواز ٿو ٻڌجي

زرد رنگت واري هڪڙي راهب
جنهن ڪنيو پنهنجي ڪلهن تي
ڪيترن جي ئي گناهن جو آ بار
پنهنجي ٻن تڪيل ڪلهن تي
منهنجي عصيان جو ٻه بار
ميڻ جهڙي نرم پنهنجي ٻن ڪلهن تي
ديوتائن جن کي چوسيو ۽ چميو آ
راهب منهنجي اڳيان ويني لنگهي
ان فرشتي وانگي جنهن کي گهرجي تي فوري پناهه.

راهب- هڪ سرد پٿر وانگيان
جنهن جون اکيون خاڪي، سندس رڪ تي ويل خواهش مثال
هن جا ڳاڙها چپ
هجن جڻ ڪي ٻه پنيون
بند ڪن سڏڪن کي جي
ياد ۾ منهنجي جڏي وئي پنهنجي هڪ تصوير هوءَ.

هوءَ عبادت مان اٿي
موٽي عبادت ڏي وئي،
جڻ عبادت هن جي اکين، هن جي چپن ۽ هٿن تي پئي جمي،
ڇا خبر هن جي عبادت ڪانسواءِ
ڪهڙي صورت ۾ اچي دنيا نظر
راهب جي هي عبادت
ڪونه دنيا کي بچائي ٿي سگهي.
راهب! او زرد رنگت واري منهنجي راهب
تو ڪيو ساڌن سان پيار
۽ انهن جي سامهون مسرور ٿي آهين جلي
پاڻ کي انهن اڳيان کوليو آ تو

ڪيترو مونکي حسد آهي انهن ساڌن سان ٿيو
منهنجي لئہ ڪائي دعا گهرجان نہ تون
آئون چاهيان ٿو تہ دوزخ مان تري، وهندو وڃان

راهب! هڪ تون ۽ ٻيو مان
هڪڙي رسي جا ٻہ ڇيڙا آهيون
جن کي ڇڪين ٿيون مقابل ٽوليون
سخت آ ڇڪتاڻ
الائي ڪير ٿو ان ۾ ڪٽي
ڇڪجي وڃي رسي
۽ انسان پاڻ ۾ ٽڪرائجي وڃا.

مگجيني جو ترت وارد ٿيڻ، البانوي ادب جو نئون موڙ ثابت ٿيو. سوشلسٽ ليکڪن هن کي پنهنجو امام ڪري مڃيو- جيڪو هو انهيءَ ڪري هو تہ البانوي شاعري جو رخ اوپر طرف موڙي ڇڏيائين ۽ اوله جي ان اثر کي ٻنجو ڏنائين جيڪو اڳوڻي نسل تائين ان ۾ موجود رهندو آيو هو. پر مگجيني جي شاعري جي اونهي اپياس مان خبر پوي ٿي تہ انقلابيت جي باوجود بہ هن تي نطشي ۽ دستور فسڪي جهڙن ليکڪن جو بہ اثر هو.

البانوي ڪميونسٽ ادب جو پايو وجهڻ وارو Sejfullah Maleshova هو جيڪو نہ رڳو پاڻ ڪميونسٽ اڳواڻ هو پر آزادي کان اڳ واري دور ۾ ثقافتي رهبر بہ رهي چڪو هو. هن جون نظمون (١٩٤٥ع) آزادي کان پهرين دور کان بہ اڳ لکيل انقلابي شاعري جو نمونو آهن. هو وڏو قومپرست ڏسڻ ۾ اچي ٿو ڇو تہ هو عظيم تر البانيا ۾ اعتقاد رکي ٿو ۽ لوڪ ادب سان بہ دلچسپي اٿس. هن اٽليءَ ۾ تعليم پرائي تنهنڪري شاعري ۾ بہ هو اتان جي عروض کي ڪتب آڻي ٿو يا وري قومي طرز تي لکي ٿو.

ڪن نقادن جي نظر ۾ (ماليشووا) شاعر کان وڌيڪ نثر نويس سٺو آهي. پر حق چئبو تہ پوءِ ننڍي ٿهيءَ جي ڪميونسٽ شاعري ۾ سندس ڪوبہ مَٽ ناهي. گذريل اڌ صديءَ ۾ البانيا ۾ ڪيترائي شعري مجموعا ڇپيا پر (ماليشووا) جهڙي شهرت ۽ عظمت ٻئي ڪنهن کي بہ نہ ملي. اڄڪلهہ اتي جي شاعري منظوم نعري بازي ۽ پروپئگنڊا ڪانسواءِ ڇا آهي؟ پر ان جو اهو مطلب بہ ناهي تہ نعري بازي ۽ پروپئگنڊا ڪو فن نہ آهي. مايا ڪو فسڪي جون نظمون نعري بازي بہ آهن تہ فن بہ! جيئن ڪي پوسٽر هوندا آهن جيڪي رڳو ڏيان ڇڪي وٺندا آهن ۽ ٻيا وري آرٽ جو نمونو بہ هوندا آهن. پر اڄوڪي البانوي شاعري گهڻو تڻو ڌيان ڇڪائيندڙ ئي آهي.

آزادي کانپوءِ البانيا ۾ اڳوڻا مڃيل شاعر بہ هئا تہ ڪيني نوان پڻ. ان وقت ڇپيل شعري مجموعا جهڙوڪ "Prishtina" ۽ " Very well, Musachia! " سٺا هئا. پهرين ڪتاب جي ليکڪ Liazar Siliqi ۾ هڪ اعليٰ شاعر بنجڻ جاجملي اهڃاڻ موجود هئا ۽ ٻئي جو لکندڙ نهايت حساس هو. ٻنهي جي احساسن ، خيالن ، موزون ٻوليءَ ۽ ٽيڪنيڪ تي مايا ڪو فسڪي جي ڇاپ نمايان هئي.

البانيا جي اندر شاعري زوال پذير ٿيڻ لڳي تہ يوگوسلاويا جي البانوي ڀاڱي ۾ وڌڻ ويجهڻ لڳي! البانيا جي هن حصي ۾ ، جيڪو آزاديءَ وقت البانيا کان الڳ رهجي ويو هو ، اتي ٻن مهاڀاري لڙائين جي وچ ۾ پنهنجو قومي ڪلچر پيدا ٿي نہ سگهيو هو. پر آزاديءَ کان پوءِ اتي جون حالتون ڦريون. البانوي باشندن کي پنهنجي ٻوليءَ کي ترقي وٺائڻ جو وجهہ ڏنو ويو ۽ خودمختيار البانوي علائقي Kosmet جي گاديءَ واري هنڌ "Prishtina" ۾ البانوي اعليٰ تعليم جو هڪ مرڪز کوليو ويو. اتان ئي اهڙو ادب تخليق ٿيو جيڪو ماتر ڀومي البانيا جي ادب سان مقابلو ڪرڻ جهڙو هو. ٻنهي پاسي جي ادب جو بنياد سوشلزم ۽ نيشلزم تي

آهي پر ٻنهي جي ٻولي ۾ نمايان فرق آهي. البانيا جي ادبي ٻولي Tosk يا ترڪي آهي جيڪا ڏاکڻي پاڱي جي آهي جڏهن تہ يوگوسلاويا واري البانوي پاسي Gheg يا اترادي استعمال ٿئي ٿي. ان جي خاصيت تڏهن سمجهہ ۾ ايندي جڏهن خبر پوندي تہ ٻنهي ٻولين جو فرق اصل ۾ ٻن تهذيبن جو فرق آهي. رومي ۽ بازنطيني تهذيبن البانيا کي اترئين ۽ ڏاکڻي حصن ۾ ورهائي ڇڏيو هو. ٻنهي جي اسٽائيل ۾ بہ فرق آهي. البانوي ادب جو زور آهي سوشلسٽ حقيقت پسندي ۽ انقلابي رومانيت تي. جڏهن تہ ٻني علائقي ۾ ادب جو بنياد قومپرستي تي ٻڌل آهي. يوگوسلاويا ۾ نرم سياسي فضا جي ڪري اتي ڪيترين ثقافتون ۽ ادب نہ رڳو ترقي ڪري سگهيا آهن بلڪ انهن ۾ يورپ جا فني تجربا بہ شامل ٿيا آهن. اتي جي البانوين ان ڳالهہ جو ڀرپور فائدو ورتو. ان ڪري نئي سندن شاعري مادر وطن واري شاعري کان وڌيڪ تازي تو ني، شاهوڪار ۽ زوردار آهي. ١٩٥٦ع ڌاري Prishtina ۾ مختلف ليکڪن جو نثر ۽ نظم جو هڪ گلدستو "First Sparkles" جي نالي سان ڇپيو. ان ڳٽڪي جو وڏ ۾ وڏ تجربيڪار شاعر Esad Mekuli سماجڪ موضوع ۾ مگجيني کان متاثر ٿيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ ٽيڪنيڪ ۾ Krieza کان. نئين ٽهيءَ جي شاعرن ۾ وري سڀ کان وڌيڪ باصلاحيت شاعر آهي Enver Gjergjeku.

يوگوسلاويا ۾، البانوي گروپ جي نمائندي جي حيثيت، ڪجهہ وقت تائين Martin Camaj کي حاصل هئي. هن جو پهريون شعري مجموعو "A flute in the mountain" (١٩٥٢ع) ۽ ان کانپوءِ "Song of Lowland Pastures" هن کي باصلاحيت ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن. هن ٻنهي ڪتابن ۾ پنهنجي وطن البانيا جي اترئين جابلو علائقي جا ڳڻ ڳايا آهن. پنهنجي اصليت کي هن يوگوسلاويا ۾ رهي ڪري بہ نہ وساريو آهي جينئن هن جي نظم To my country مان ظاهر آهي جنهن جو ترجمو هيٺ ڏجي

تو،

آءُ مرندس جڏهن
گاهه بنجڻ جي خواهش ڪندس
پنهنجي جبلن مٿان
۽ بهارن جي آغوش ۾
۽ خزان ۾ اپائيندو رهندس مان ٻج

آءُ مرندس جڏهن
پاڻي بنجڻ جي خواهش ڪندس
ساهه ڪي مان ٻٽائي ڇڏيندس ڪڪر
جيڪو برڪا جي ورڪا ڪري.

آءُ مرندس جڏهن
هڪڙو پٿر ٿيڻ جي تمنا ڪندس
جيڪو ٿئي حد- نشان
منهنجي ڌرتي مٿان
ٻٽجي هڪ يادگار.

ٻن ڀڄڙين يعني Fishta جي جابلو لوڪن جي حد کان وڌيڪ تعريف ۽ مگجيني جي وري انهن جي بدحالي جي ڪيل اپٽار جي وچ ۾ Camaj جي شاعري وچ وارو سنڌو آهي، جنهن ۾ نه انهن کي پڌايو ويو آهي ۽ نه ئي ننديو ويو آهي بلڪ پنهنجي وطن جي ناتي سان انهن جو تشخص اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ان ڳالهه کي هن پنهنجي يورپ جي ياترائن دوران به دل تي رکيو آهي. البت نون تجربن کي ڪلاسيڪي روايت سان ڳنڍيو اٿائين. ڪٿي ڪٿي ته هو نثر ۽ نظم جي وچ ۾ سنڌن کي مٽائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو جيئن پنهنجي نغماتي قصي Diella ۾. پر پنهنجي اصليت ۽ ان جي ڪلاسيڪي روايت جي تعظيم جو

مظاهرو Legends (١٩٦٤ع) ۾ ڪيو اٿائين ۽ پوءِ Middle Age Poems (١٩٦٧ع) ۾ پڻ. ان مجموعي ۾ هن پنهنجي البانوي اصليت ۽ پس منظر کي محبت وارين نظمن ۾، وطن جي نظارن جي نقاشي ڪري ڏڪڻ اٽلي جي البانوي ڳوٺن سان پيٺيو آهي. هن جي نظم "Second Spring" مان هن جي جديديت ۽ روايت جي وچ واريءَ واٽ جي چٽي ثابتي ملي ٿي.

بهار آيو پيو، دوزخ بد امان
ٽڙن شاخن تي گل ٿا رنگ سامان
گهٽيءَ ۾
هڪ جوان لاش آهي موجود
ڇُهن ٿيون ان کي ڪي نظرون سوالي
اهو جسم آ نہ خالي
انهي ۾ دل پي آهي.
ڪُڙين کي آ لڳل چونو بہ تورو
مٿي پي آ جُتي ميٺان ۽- ڪوڪا
ٽڪيٽ آ ٽرام جي، کيسي ۾
موسيقي آ بي، انداز پيرن جي
سياري جي مسلسل مينهن جي قطرن جي وچ ۾.

گهٽي جي هڪڙي چيڙي تي پيا ڳائن
پکيڙا
اڃالين ٿا اسان جي ني هٿن ۾
مند گرمي جي.

منهنجي ناچيز راءِ موجب هنن جي شاعري جي گڏيل خوبي آهي ”وطن سان پيار ۽ فطرت پرستي“ ان کان سواءِ تاريخ جي مهر به هنن جي سوچ تي ثبت ٿيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ڇو ته ڌارين جي حملن ۽ عالمي جنگين ۾ انهن سڀني ملڪن ايترو ته سور سٺو آهي جو اهو تصور به نٿو ڪري سگهجي ته ڪو هنن جي ڪائي تخليق غير تاريخي به ٿي سگهي ٿي. انهن مڙن ئي لاءِ تاريخ هڪ تلخ حقيقت هوندي. اها ڳالهه سندن شاعري تي به اثر انداز آهي. هر ڪنهن کي پنهنجي پنهنجي ڌرتيءَ سان پيار آهي ۽ ثقافتي روايتن تي فخر پڻ. انهن جو اظهار هنن پنهنجي ڪويتائن ۾ ڪيو آهي.

مشرقي يورپ جي شاعري ۾ رڳو اهي مشترڪ موضوع ئي نه آهن بلڪ ڪجهه اختلاف پڻ اڀري اچن ٿا. هڪ اختلاف ته هر ڪنهن جي شاعراڻي طبع جو آهي، تنهن کان سواءِ دنيا ۽ حالات کي هر ڪنهن پنهنجي نموني پرکيو آهي. سياست جي مداخلت به هر هڪ جي شاعري ۾ هڪ جيتري ناهي. ازانسواءِ هڪ هڪ جي شاعري پنهنجي قومي پس منظر ۾ ڪيل آهي.“

**بشير مورياڻي**

ISBN 969-405-061-8